THE MOST INFLUENTIAL & WIDELY ACCLAIMED SINDHI DAILY OF PAKISTAN
هڪ ئي وقت ڪراچي ۽ حيدرآباد مان شايع ٿيندڙ قديم سنڌي اخبار
THE DAILY IBRAT Hyderabad
روزاني عبرت حيدرآباد
69 YEAR 1958 - 2026
Regd: NO-2430-B
Hyd: Ph: 2728703-4, 2728571-2, Fax: 2781879, 2784300 - Isld Ph: 2823277
Karachi Ph: 2272030-7 - 4538862-3 - Fax: 2270038-9 - 4543839 - 2639492 - Lahore: Ph: 5854047-8
سال (95) خميس 08 آڪٽوبر 2026ع 25 ربيع الثاني 1448ھ صفحا 6 - ملھہ 30 روپيہ شمارو (54)
website: www.dailyibrat.com Email: ibrat@yahoo.com, ibratmarketing@yahoo.com
Thursday 8th October 2026
Daily Ibrat Karachi

آمريڪا-ايران جنگ سبب پاڪستان ۾ غربت وڌي وئي، عالمي بئنڪ جا ڇرڪائيندڙ انگ اکر جاري

فيبروري 2026ع ۾ ايراني تيل ۽ شروع ٿيل تڪرار سبب پاڪستان، افغانستان، وچ اوڀر ۽ اتر آفريڪا تي ٻٽل خطي ۾ روزگار جا وسيلا متاثر ٿيا آهن، نتيجي ۾ کوٽ ۽ بنيادي ڍانچي کي نقصان پهتو
هن خطي ۾ روزانو 3 ڊالر کان گهٽ آمدني تي زندگي گذاريندڙ ماڻهن مان لڳ ڀڳ 48 سيڪڙو پاڪستان ۾ رهن ٿا، انساني سطح تي ۽ وڏي قيمت پهچي رهي آهي
لبنان، پاڪستان، شام ۽ گڏيل عرب امارتن ۾ پيٽرول جي اگهن ۾ 40 سيڪڙو يا ان کان وڌيڪ واڌ ٿي آهي، جڏهن ته ڊيزل جي قيمت لبنان ۾ 80 سيڪڙو تائين مٿي اضافو ٿيو
گهڻ تي حڪومتي ڪنٽرول ۽ سبسڊيز واهيڊارن کي فوري اٿن کان ڪنهن حد تائين تحفظ فراهم ڪيو پر ان جي نتيجي ۾ حڪومتن تي مالي دٻاءُ وڌيو، قرضن جي شرح ۾ واڌ وئي
پاڪستان ۾ احتجاجي مظاهرا ٻه ٿي رهيا آهن، پاڪستان ۾ غربت جي شرح 2018-19ع کان 2024-25ع دوران روزانو 3 ڊالر واري غربت جي ليڪ جي حساب سان 6.4 سيڪڙو پوائنٽس آهي
وچ اوڀر، اتر آفريڪا، افغانستان ۽ پاڪستان (MENAAP) دنيا جو واحد خطو آهي، جتي غربت جي شرح ويا ڪان اڳ واري سطح تائين اچا ۾ ڏي آهي ۽ مسلسل وڌي رهي آهي: عالمي بئنڪ جي رپورٽ

واشنگٽن (مانيٽرنگ ڊيسڪ) عالمي بئنڪ جي جاري ڪيل تازي رپورٽ ۾ چيو ويو آهي ته فيبروري 2026ع ۾ آمريڪا ۽ ايران جي شروع ٿيل جنگ سبب پاڪستان افغانستان وچ اوڀر ۽ اتر آفريڪا تي ٻڌل خطي ۾ ماڻهن جا روزگار جا وسيلا متاثر ٿيا آهن جنهن جي نتيجي ۾ ... پنهنجي هڪ انساني سطح تي وڏي قيمت پهچي... بقايا نمبر 28 ڏسو صفحو2

پيٽرول ريهو 82 پئسا مهانگو، ڊيزل جي قيمت ۾ 91 پئسا لاٿ

اسلام آباد (ٻ ن) پيٽروليم ڊويزن پاران جاري ڪيل نوٽيفڪيشن موجب، آئل اينڊ گئس ريگيوليٽري اٿارٽي (اوگرا) وفاقي ... بقايا نمبر 27 ڏسو صفحو2

اسلام آباد: نائين واري وفاقي وزير محمد اورنگزيب پاور سيڪٽر اسٽيئرنگ ڪميٽي جي گڏجاڻي جي صدارت ڪري رهيو آهي

وزيراعظم شهباز شريف پاران اتر وزيرستان ۾ سيڪيورٽي فورسز جي ڪامياب ڪارروائي تي خراج تحسين پيش

اسلام آباد (اي پي پي) وزيراعظم محمد شهباز شريف اتر وزيرستان ۾ سيڪيورٽي فورسز جي ڪامياب ڪارروائي ۾ فتنہ الخوارج جي 13 دهشتگردن کي ... بقايا نمبر 29 ڏسو صفحو2

اسلام آباد تي ڪاهہ روڪڻ لاءِ سمورا وسيلا ڪتب آڻيندا سين، شهر کي ڪنهن جي رحم ڪرم تي نٿا ڇڏي سگهون: وزير دفاع

جيڪڏهن اسلام آباد تي ڪاهہ ڪرڻ جي ڪا ۽ ڪوشش ڪئي وئي ته رياست پنهنجي سڀني آئيني، قانوني ۽ انتظامي وسيلن کي استعمال ڪري ان جو مقابلو ڪندي: خواجه محمد آصف
وفاقي حڪومت جي بهترين ڪوشش اها ئي آهي ته ڪنهن ٻه انتهائي يا آخري آپشن طرف نه وڃڻو پوي، پر ڪو به رستو نه بچيو ته پوءِ حڪومت جو نه رڳو آئيني پر اخلاقي ۽ قومي فرض بڻ آهي
گاڏين جي معطلي ۽ ناڪامي تي گهاڻيجي ڪئي وئي اسلام آباد تي جيترا پيرا چڙهائي ڪئي وئي، ان جي پويان تحريڪ انصاف جي صوبائي حڪومت جي اندروني سياست رهي آهي
عوامي ۽ انفرا سيڪٽر ميٽرو بيشڪ اهڙي ڪنهن به حالت ۾ ... جا ميمبر احتجاج ۾ مڪمل طور تي حاضر رهيا
صوبائي قيادت ملڪ دشمن قوتن ۽ طالبان سان گڏيل ڦليل ٿي حڪومت... ڪليل دشمن آهن جن جا هزارين پاڪستانين جي رت سان رنگيل آهن
خيبرپختونخوا جا حڪمران جيل ۾ بند پنهنجي باني کي خوش ڪرڻ، پنهنجي ساک برقرار رکڻ ۽ نمبر وڌائڻ لاءِ اسلام آباد تي ڪاهہ ڪري رهيا آهن، جيئن انهن جي ڪرسي ۽ وزارت محفوظ رهي
موجوده سياسي چپقلش ڪنهن ٻه نظرياتي يا عوامي خدمت جي جنگ ناهي، ان جي پرڻيہ پنهنجيون پوزيشنون بچائڻ، اقتدار کي بچائڻ ۽ وفاقي ۽ صوبائي وسيلن جي لٽ مار ۽ پورا آهن

اسلام آباد (اي پي پي) وزير دفاع خواجه محمد آصف چيو آهي ته اسلام آباد تي ... بقايا نمبر 1 ڏسو صفحو2

اسلام آباد: وزيراعظم شهباز شريف جي صدارت ۾ ريلوي جي نظام ۾ بهتر بنائڻ بابت گڏجاڻي ٿي رهي آهي

پاڪستان کي موسمياتي تبديلي، شهري آبادي ۽ پاڻي سبب ڏکيا خطرا درپيش آهن: صدر آصف زرداري

آفتن کي منهن ڏيڻ جي صلاحيت کي بهتر بڻائڻ لاءِ ضروري آهي ته ترقي جو لازمي جزو بڻايو وڃي، ايندڙ نسلن بابت پنهنجي گڏيل ذميواري سمجهڻ هوندو
سوڳوار خاندانن ۽ انهن سمورن ماڻهن کي پڻ خراج تحسين پيش ڪريون ٿا، جيڪي متاثر آبادين جي مشڪل وقت ۾ گڏ رهيا: صدر
محفوظ رهائش، تعليم ۽ ڪم جاين ۽ اعتماد هوندو تہ آفت جي صورت ۾ ۽ بنيادي خدمتن جو تسلسل برقرار رهندو

اسلام آباد (اي پي پي) صدر آصف علي زرداري چيو آهي ته موسمياتي تبديلي، شهري آبادي ۾ اضافي ۽ پاڻي جي کوٽ سبب پاڪستان کي ... بقايا نمبر 30 ڏسو صفحو2

نائب وزيراعظم اسحاق ڊار سان ڪمانڊر نيشنل اسٽريٽجڪ ڪمانڊ جنرل سيد عامر رضا نشان امتياز (ملٽري) جي ملاقات

اسلام آباد (اي پي پي) نائب وزيراعظم ۽ پرڏيهي وزير محمد اسحاق ڊار سان ... بقايا نمبر 32 ڏسو صفحو2

احسن اقبال جو جماعت اسلامي جي نائب امير لياقت بلوچ سان رابطو

وزيراعظم سان جماعت اسلامي جي وفد جي جلد ملاقات ڪرائي ويندي
امير ليبلتون ۾ ان رابطي کي احتجاج جي ڪال واپس وٺڻ جي ڳالهہ ڪئي وئي

اسلام آباد (اي پي پي) وفاقي وزير احسن اقبال جماعت اسلامي جي نائب امير لياقت بلوچ سان رابطو ڪري ... بقايا نمبر 31 ڏسو صفحو2

خيبر پختونخوا حڪومت کي سياسي تڪرار بدران عوام جي تحفظ تي ترجيح ڏيڻ گهرجي: رانا ثناءُ الله

سياسي پارٽين کي قومي سلامتي ۽ شهرين جي زندگين تي پنهنجي سياسي مفادن کي ترجيح ڏيڻ جي اجازت نٿي ڏئي سگهجي
خيبر پختونخوا ۾ پوليس اهلڪار، سيڪيورٽي فورسز جا جوان ۽ عام شهري دهشتگردي جي واقعن ۾ پنهنجون جانيون قربان ڪري رهيا آهن
سنگين سيڪيورٽي صورتحال ۾ سرڪاري مشينري ۽ وسيلن کي سياسي تڪرار لاءِ استعمال ناقابل قبول آهي: رانا ثناءُ الله

اسلام آباد (اي پي پي) وزيراعظم جي سياسي معاملن بابت صلاحڪار رانا ثناءُ الله چيو آهي ته ... بقايا نمبر 2 ڏسو صفحو2

2005ع جي سانحي ملڪي تاريخ جو فخر ڪرڻ جو باب آهي: سردار اياز صادق

8 آڪٽوبر 2005ع جي سانحي کان پوءِ پاڪستاني قوم احساس جو مظاهرو ڪيو
پاڪ فوج جي جوانن ريسڪيو ۽ امدادي ڪاروائين ۾ ڀرپور ڪردار ادا ڪيو: اسپيڪر قومي اسيمبلي

اسلام آباد (اي پي پي) قومي اسيمبلي جي اسپيڪر سردار اياز صادق ... بقايا نمبر 21 ڏسو صفحو2

خيبر پختونخوا ۾ وڌندڙ دهشتگردي کي هر قيمت تي روڪڻو پوندو: وزيراعظم شهباز شريف

وزيراعظم سان ڪشمير ۽ گلگت بلتستان معاملن واري وفاقي وزير انجينيئر امير مقام ملاقات
دهشتگردي خلاف خيبر پختونخوا جي عوام جي قربانين کي قدر جي نگاهہ سان ڏسون ٿا: وزيراعظم
وزيراعظم کي آزاد ڪشمير ۽ گلگت بلتستان ۽ جاري معاملن ۽ اڳيرائي جي حوالي سان بريفنگ

اسلام آباد (اي پي پي) وزيراعظم محمد شهباز شريف سان ڪشمير ۽ گلگت بلتستان معاملن واري وفاقي وزير انجينيئر امير مقام ملاقات ڪئي ... بقايا نمبر 33 ڏسو صفحو2

غيرقانوني اسمگلنگ خلاف پاڪستان جو مرڪز جاري رکندي: وزيراعظم

بحريه عرب ۽ منشيات خلاف ڪاروائي تي پاڪ بحريه جي آفيسرن ۽ اهلڪارن کي شاباس
پاڪستان نيوي جون ڪامياب ڪاروايون علائقائي سامونڊي سلامتي جي تحفظ لاءِ اڳرائيون آهن

اسلام آباد (اي پي پي) وزيراعظم محمد شهباز شريف پاڪ بحريه جي جهاز پاران ... بقايا نمبر 3 ڏسو صفحو2

صدر پاران بحريه عرب ۾ منشيات اسمگلنگ خلاف ڪاميابي ڪاروائين تي پاڪ بحريه کي خراج تحسين پيش

اسلام آباد (اي پي پي) صدر آصف علي زرداري ... بقايا نمبر 4 ڏسو صفحو2

دهشتگردي ۽ مقامي سهولتڪارن جي سازش کي ناڪام بڻائينداسين: صدر

دهشتگردن خلاف ڪامياب ڪاروائي تي سيڪيورٽي فورسز کي خراج تحسين
فيصلائتين ڪاروائين ذريعي قوم جي عزم ۽ حوصلي جي عڪاسي ڪئي وئي

اسلام آباد (اي پي پي) صدر آصف علي زرداري ... بقايا نمبر 7 ڏسو صفحو2

سنڌ حڪومت عوام کي جديد ۽ معياري سفري سهولتون فراهم ڪرڻ لاءِ ڀرپور ڪوششون ڪري رهي آهي: سينيئر صوبائي وزير

سينيئر صوبائي وزير جي صدارت هيٺ اجلاس ۾ مختلف تعميراتي پيڪيجز ۽ جاري اڳيرائي جو جائزو ورتو ويو
تاج حيدر پل جي ٻئي حصي ۽ پيڪيج جي تعمير جلد مڪمل ڪرڻ ۽ هر حصي جي باقاعده نگراني جون هدايتون

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ جي سينيئر صوبائي وزير شرجيل انعام ميمڻ ... بقايا نمبر 6 ڏسو صفحو2

ڪراچي: سينيئر صوبائي وزير شرجيل انعام ميمڻ جي صدارت ۾ بي آر ٽي لائين جي حوالي سان گڏجاڻي ٿي رهي آهي

گڏيل قومن جي سيڪريٽري جنرل جي آرمي چيف سان ملاقات، ڪشمير مسئلي تي ڳالهيون

چيف آف آرمي اسٽاف ۽ چيف آف ڊفينس فورسز فيلڊ مارشل سيد عاصم منير سان انتونيو گوتريس اهم ملاقات ڪئي
گڏيل دلچسپي جي معاملن، خطي جي موجوده سيڪيورٽي صورتحال ۽ عالمي امن ۽ سلامتي جي معاملن تي ڳالهيون
گڏيل قومن جي امن مشنز ۾ پاڪستان ۽ ان جي هٿياربند فوج جي بي مثال قربانين ۽ لازوال خدمتن تي زبردست خراج تحسين پيش

ڪراچي: وڏي وزير سيد مراد علي شاهہ جي صدارت ۾ سنڌ ايجوڪيشن فائونڊيشن جي حوالي سان گڏجاڻي ٿي رهي آهي

راولپنڊي (اي پي پي) گڏيل قومن جي سيڪريٽري جنرل انتونيو گوتريس جنرل هيڊڪوارٽر (جي ايڇ ڪيو) راولپنڊي جو دورو ڪيو ۽ چيف آف آرمي اسٽاف ۽ چيف آف ڊفينس فورسز فيلڊ مارشل سيد عاصم منير ... بقايا نمبر 34 ڏسو صفحو2

اسٽيٽ بئنڪ مالي شموليت انڊيڪس 2025ع جا نتيجا جاري ڪري ڇڏيا

اسلام آباد (اي پي پي) اسٽيٽ بئنڪ آف پاڪستان 2025ع لاءِ پاڪستان مالي شموليت ... بقايا نمبر 35 ڏسو صفحو2

سنڌ حڪومت 562 ملين ڊالرن جا 7 سيڙپڪاري منصوبا قومي فورم تي پيش ڪري ڇڏيا

پاڻي، ٽرانسپورٽ، انفراسٽرڪچر ۽ بنيادي سهولتن منصوبن لاءِ نجي شعبي ۽ ترقياتي ادارن کي سيڙپڪاري جي دعوت
مليرايڪسپريس وي، شاهراهه ڀٽو ۽ ٽر ڪول سميت مختلف منصوبا خانگي شعبي جا ڪامياب مثال قرار
سنڌو نديءَ ۽ پاڻي ڪوٽ، الودگي تي ڳڻتي ظاهر رين واٽر هارويسٽنگ ۾ سيڙپڪاري تي اتفاق

ڪراچي (بيورو رپورٽ) رفاهي ۽ ترقياتي 562 ملين آمريڪي ڊالرن جي ماليت جا 7 سيڙپڪاري منصوبا پيش ... جو مقصد عوامي انفراسٽرڪچر، ٽرانسپورٽ ... بقايا نمبر 8 ڏسو صفحو2

اسلام آباد: وفاقي صلاحڪار فهد هارون سان کي اليڪٽرڪ جو چيئرمين شهريار ارشد چشتي ملاقات ڪري رهيو آهي

سنڌ ايجوڪيشن فائونڊيشن لاءِ سبسڊي ۾ واڌ، 7.9 ارب رپين جي اضافي فنڊنگ منظور

10 لک 78 هزار کان وڌيڪ شاگردن کي تعليم ڏيندڙ پارٽنر اسڪولن جي سبسڊي وڌائي ويندي
ڏورانهن علائقن ۾ بند اسڪول ٻيهر کولڻ ۽ مرحليوار 500 سرڪاري ڪميونٽي اسڪول فعال ڪرڻ جي منظوري
تعليمي سهولتن کان سگهيا جا نتيجا بهتر بڻائڻ تي زور، سبسڊي جي حتمي نظرثاني لاءِ خصوصي ڪميٽي قائم

ڪراچي (رپورٽ: مجيد عباسي) سنڌ جي ايجوڪيشن فائونڊيشن (SEF) جي بورڊ ... بقايا نمبر 36 ڏسو صفحو2

ڪي پي دهشتگردي جي ور چڙهيل آهي، پر آفريدي صوبو ڇڏي اسلام آباد بدران خان جو ترجمان ٿيل آهي: شرجيل ميمڻ

پنهنجي ناڪامي تي ملبو ٻين تي وجهڻ بدران ڪي پي جي بگڙجندڙ صورتحال جو جواب ڏنو وڃي
سقوط ڍاڪا کي سياسي پوائنٽ اسڪورنگ لاءِ استعمال ڪرڻ، شهيدن ۽ قوم جي توهين آهي
پيپلزپارٽي کي سيڪڙن سياستدانن کان حب الوطني جا سرٽيفڪيٽ وٺڻ جي ضرورت ناهي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ جي سينيئر وزير شرجيل انعام ميمڻ جو خيبر پختونخوا جي وزيراعلى سهيل آفريدي جي بيان تي ردعمل ... بقايا نمبر 9 ڏسو صفحو2

ٻ ٻ جي چيئرمين سان مختلف اڳواڻن جون ملاقاتون، سياسي صورتحال تي ڳالهيون

پارٽي چيئرمين سان نثار کهڙو، قاسم گيلاني ۽ ٻين اڳواڻن ڌار ڌار ملاقاتون ڪيون
سنڌ، بلوچستان ۽ پنجاب جي سياسي ۽ تنظيمي صورتحال ۽ عوامي مسئلن بابت غور ويچار

ڪراچي (بيورو رپورٽ) پاڪستان ... بقايا نمبر 37 ڏسو صفحو2

ڪراچي: پ پ چيئرمين بلاول ڀٽو سان پ پ جي اڳواڻ ... ملاقات ڪري رهيا آهن

سنڌ حڪومت عوام ۽ ڪاروباري برادري جي مسئلن جي حل لاءِ سنجيده آهي: جام اڪرام

صنعت ۽ واپار واري وزير سان مختلف وفدن جون ملاقاتون، مسئلا حل ڪرڻ جي خاطري
صوبائي وزير پاران واپارين ۽ صنعتڪارن کي ڪاروبار ۽ انتظامي مسئلن بابت ... حل ڪرڻ جون هدايتون

ڪراچي (بيورو رپورٽ) صوبائي وزير ... بقايا نمبر 38 ڏسو صفحو2

ڪراچي پوليس چيف پاران ٽرانسپورٽرن کي مسئلن جي حل لاءِ سهڪار جي خاطري

آل پاڪستان گڊز ٽرانسپورٽ جي وفد جي آءِ جي آفيس اچي ڪري سان ملاقات ڪئي
هر مسئلي ٽرانسپورٽرن جي حفاظت ۽ آفيسرن کي ... هدايتون

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ايڊيشنل آءِ جي ... بقايا نمبر 26 ڏسو صفحو2

ڪراچي: آءِ جي سنڌ جاويد عالم اوڍو گڏجاڻي جي صدارت ڪري رهيو آهي

سنڌ پوليس جو آءِ جي نظام، ملازمن جي تصديق ۽ ڪرمنل چيڪنگ لاءِ اهم قرار

انفارميشن سيڪشن ۽ صنعتڪارن ۽ اوورسيز سيڪيورٽي کي ايپليڪيشن بابت بريفنگ ڏني وئي
ڪاروباري برادري جي جان ۽ مال جي تحفظ اسان جي بهترين ترجيح آهي: آءِ جي سنڌ

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ... بقايا نمبر 10 ڏسو صفحو2

سنڌ پوليس ۾ بي ايس آفيسرن جون بدليون ۽ مقرريون، نوٽيفڪيشن جاري

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ پوليس ... بقايا نمبر 25 ڏسو صفحو2

سنڌ حڪومت ۽ آءِ ايل او وچ ۾ سنڌ ليبر ڪوڊ جي منظوري لاءِ سهڪار وڌائڻ تي اتفاق

وڏي وزير سان ڊائريڪٽر جنرل گلبرٽ هونگبو جي ملاقات، پورهيتن جي حقن ۽ سماجي تحفظ تي ڳالهيون
21 اگهہ ليبر قانونن ۾ هڪ جامع سنڌ ليبر ڪوڊ ۾ ڪڏ ڪرڻ وارو عمل تاريخي سنگ ميل قرار
ڪم واري هنڌ تي ليبر انسپيڪشن، عورتن ۽ ڪمزور پورهيتن جي تحفظ لاءِ گڏيل گروپ ٺاهڻ جي تجويز

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهہ ... بقايا نمبر 11 ڏسو صفحو2

سنڌ پوليس جي اهم يونٽن مان بدلين تي پابندي لاڳو، نوٽيفڪيشن جاري

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ... بقايا نمبر 24 ڏسو صفحو2

ڪراچي ۾ هٿياربندن هٿان شهري يرغمال، هڪ ڪروڙ 30 لک رپيا ڦرُ، مزاحمت تي زخمي

نيپا پل پرسان هٿياربندن موٽرسائيڪل سوار کي روڪيو، مزاحمت تي فائرنگ ۾ شهري زخمي ٿي پيو
جوابدار زخمي شهري کان هڪ ڪروڙ 30 لک رپيا ڦري فرار ٿي ويا، پوليس ۾ حد تڪرار
آءِ جي سنڌ واقعي جو سخت نوٽيس ورتو، ايڊيشنل آءِ جي ڪراچي ۽ ڊي آءِ جي کان فوري رپورٽ طلب

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ... بقايا نمبر 39 ڏسو صفحو2

اسلام آباد: وفاقي وزير رانا تنوير جي صدارت ۾ گڏجاڻي ٿي رهي آهي

ڪراچي ايئرپورٽ تي صومالي ڌاڙيلن هٿان زخمي پاڪستانين جي واپسي تي استقبال

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ... بقايا نمبر 40 ڏسو صفحو2

متشيات ڪيس ۾ گرفتار جوابدار انمول عرف پنڪي طرفان عدالت ۾ بريت جي درخواست داخل

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ... بقايا نمبر 12 ڏسو صفحو2

سنڌ جي مختلف شعبن ۾ چيني سيڙپڪارن پاران سيڙپڪاري لاءِ دلچسپي ظاهر

صوبائي وزير ناصر حسين شاهہ جي صدارت هيٺ چيني سيڙپڪارن سان اجلاس منعقد ڪيو ويو
ڪراچي جي پاڻي ضرورتن لاءِ ... سيڙپڪاري جي آڇ

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ... بقايا نمبر 15 ڏسو صفحو2

ڪراچي ۾ هڪ سال اڳ ڪاڌي مان ڪري فوت ٿيل شاگرد جي قبرڪشائي

ميڊيڪل شاگرد سلطان ظفر جي موت جي اصل ڪارڻ معلوم ڪرڻ لاءِ پوسٽ مارٽم ڪيو ويو

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ... بقايا نمبر 22 ڏسو صفحو2

مير رضا علي قتل ڪيس بابت جوڊيشل ڪميشن ڪارروائي مڪمل ڪري ورتي

ڪميشن پنهنجي جاچ ۽ ڪارروائي بابت رپورٽ عدالت ۾ جلد جمع ڪرائيندي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ... بقايا نمبر 23 ڏسو صفحو2

بن قاسم ۾ ڦر دوران مزاحمت، هٿياربندن جي فائرنگ ۾ نوجوان قتل

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ... بقايا نمبر 13 ڏسو صفحو2

ڪراچي: آءِ ايل او جو سربراهه وڏي وزير سيد مراد علي شاهہ ۽ ڪابينا ميمبرن سان گڏجاڻي ڪري رهيو آهي

پاڪ بحريه جي ڪامياب سمنڊ ۾ ڪارروائي، اربين رپين جي منشيات هٿ، ٻن ٻيڙين کي قبضي ۾ ورتو

انگل 96 ملين آمريڪي ڊالر ماليت جي منشيات جي وڏي کيپ اسمگل ڪرڻ جي ڪوشش ناڪام بڻائي وئي
سيڪيورٽي فورسز پاران ڪارروائي دوران ٻن ٻيڙين جي ٻن ٻڙي ... سان انهن جي تلاشي ورتي وئي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) پاڪ بحريه ... بقايا نمبر 41 ڏسو صفحو2

پاڪستان ۽ پولينڊ جي گهرو وزيرن جي ملاقات، ٻطرفي تعاون تي ڳالهيون

اسلام آباد (اي پي پي) ... بقايا نمبر 14 ڏسو صفحو2

سنڌ ۾ هائوسنگ سان لاڳاپيل 93 تصديق ٿيل ڪيس، سامهون آيا، رپورٽ

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ... بقايا نمبر 21 ڏسو صفحو2

سنڌ ۾ آبادگارن کي ساريون جو مناسب اگهه ته ملڻ حڪومتي ڪوتاهي آهي: سردار عبدالرحيم

واپارين پاران مختلف بهانن سان ساريون جي مبينا ڪٽوتين سبب آبادگار متاثر ٿي رهيا آهن
صوبائي حڪومت ضروري اڪياڻا قدم نہ کڻيا ته آبادگار معاشي مشڪلاتن جو شڪار ٿيندا

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ... بقايا نمبر 16 ڏسو صفحو2

ڪراچي ۾ هٿياربندن ۽ خاندانن تڪرار تان نوجوان عورت گوليون هڻي قتل

جيڪس لائن جي حد ۾ گهر اندر فائرنگ ۾ عائشه نالي عورت موقعي تي ماري وئي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ... بقايا نمبر 42 ڏسو صفحو2

ملتان: هڪ چڪچڙي تي ڪپهہ جي وڏي مقدار ۾ رکيل ڪپهہ لاهي رهيا آهن

سنڌ حڪومت پاران ساڍا 12 سو رپيا في من 100 ڪلو ڪڻڪ جاري ڪرڻ جو اعلان

صوبائي ذخيرا 1 لک 46 هزار ٽن آهن 15 آڪٽوبر کان ڪڻڪ جاري ڪئي ويندي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ... بقايا نمبر 20 ڏسو صفحو2

ڪراچي ماڻهن جا ڪئنٽ ڪنگ، بيرڪ نرسز لاءِ شهيد عبدالله مراد ڪميونٽي سينٽر جو افتتاح ڪيو ويو

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ... بقايا نمبر 43 ڏسو صفحو2

ڪراچي ۾ فضائي آلودگي خلاف مهم جاري، 34 ڪارخانا ناپاس قرار

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ... بقايا نمبر 19 ڏسو صفحو2

فيصل آباد: هڪ ناري اليڪٽرڪ اسڪوٽي تي سفر ڪري رهي آهي

افغانستان کان پاڪستان ۾ دهشتگردي جو هڪ ٻيو ثبوت ملي ويو

5 آڪٽوبر تي ڪرم ۾ فتنہ الخوارج خلاف آپريشن ۾ مارجي ويل دهشتگردن جي سڃاڻپ ٿي وئي
هلاڪ دهشتگردن ۾ افغاني شهري به شامل، ... افغانستان جي ... جا هڪ ٻيو ثبوت

اسلام آباد (اي پي پي) ... بقايا نمبر 17 ڏسو صفحو2

اتر وزيرستان ۽ مستونگ ۾ سيڪيورٽي فورسز جون ڪارروايون، 18 دهشتگرد مارجي ويا

سيڪيورٽي فورسز عزم استحڪام ويزن تحت انٽيليجنس بيسڊ ڪارروائي ڪئي
فورسز جي دهشتگردن جي ٺڪاڻن تي ڪامياب ڪارروائي ...
مستونگ ۾ آپريشن ردالفتنہ 3 تحت سيڪيورٽي فورسز فتنہ الهندستان خلاف ڪارروائي ڪندي 5 دهشتگردن کي ماري ڇڏيو

راولپنڊي (اي پي پي) اتر وزيرستان ۽ مستونگ ۾ سيڪيورٽي فورسز ... بقايا نمبر 44 ڏسو صفحو2

حيدرآباد: ٽريفڪ پي ايس پي جي فائرنگ ۾ زخمي ٿيل اسپتال ۾ داخل آهن

ڪراچي ۾ پوليس مقابلا ۾ ٻه ڦورو مارجي ويا، ڦر دوران فائرنگ ۽ ٻه ڄڻا قتل، ڪيترائي جوابدار سوگهو

ٻهادرآباد ۾ پوليس مقابلي دوران هڪ جوابدار مارجي ويو، ٻن زخمين سميت 3 جوابدار گرفتار، هٿيار ۽ موبائل فون هٿ
ڪيماڙي ۾ ڪارروائين دوران 16 جوابدار گرفتار، پسٽل، چرس، آئس، گٽڪا ماوا ۽ ٻيو سامان هٿ آيو
پاڪ ڪالوني ۾ مبينا ڦورو گروهہ جو شوٽر مارجي ويو، سهراب ڳوٺ ۾ فائرنگ ۾ هڪ ڄڻو قتل، ٻيو زخمي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ڪراچي جي مختلف علائقن ۾ پوليس مقابلن دوران ... بقايا نمبر 18 ڏسو صفحو2

بقايا 1 روزاني عبرت

تحفظ کي هر قيمت تي يقيني بڻائيندي ۽ اقتدار جي شهر کي ڪنهن جي رحم ڪرم تي نه ڇڏي سگهجي. هن خبردار ڪيو ته جيڪڏهن اسلام آباد تي ڪاهه ڪرڻ جي ڪا به ڪوشش ڪئي وئي ته رياست پنهنجي سڀني آئيني، قانوني ۽ انتظامي وسيلن کي استعمال ۾ آڻيندي ان جو مقابلو ڪندي پارليامينٽ هائوس ۾ ميڊيا جي نمائندن سان تفصيل سان ڳالهه ٻولهه ڪندي دفاع واري وزير چيو ته وفاقي حڪومت جي پهرين ترجيح ۽ ڪوشش اها ئي آهي ته ڪنهن به انتهائي يا آخري آپشن جي طرف نه وڃڻو پوي، پر جيڪڏهن ڪو ٻيو رستو نه بچيو ته پوءِ گادي واري هنڌ جي حفاظت حڪومت جو نه رڳو آئيني پر اولين قومي فرض پڻ آهي. هن چيو ته اهو بلڪل قبول نه آهي ته هر ٻن يا ڪن مهينن ۾ طالبان سان ڳنڍجي گادي واري هنڌ تي حملي جو سلسلو شروع ڪيو وڃي. خواجه آصف چيو ته صوبائي قيادت ملڪ دشمن قوتن ۽ طالبان سان ڳنڍجي وفاق تي حملي جي حڪمت عملي ٺاهي رهي آهي. هن چيو ته طالبان پاڪستان جا ڪليل دشمن آهن جن جا هٿ هزارين بيگناهه پاڪستاني شهرين ۽ سيڪيورٽي اهلڪارن جي رت سان رنگيل آهن. دفاع واري وزير دعويٰ ڪئي ته ان مهينا ڳٺ جوڙ جا واضح ثبوت موجود آهن ڇاڪاڻ ته خيبرپختونخواهه حڪومت جا اڳواڻ نه ته ڪڏهن دهشتگردي جي واقعن جي مذمت ڪن ٿا ۽ نه ئي شهيدن جي جنازن ۾ وڃن ٿا ۽ نه ئي تعزيت ڪن ٿا.

بقايا 2 روزاني عبرت

قومي سلامتي ۽ شهرين جي زندگين تي پنهنجي سياسي مفادن کي ترجيح ڏيڻ جي اجازت نه ٿي ڏئي سگهجي. اربع ڏينهن پريس ڪانفرنس کي خطاب ڪندي هن چيو ته اسلام آباد ڏانهن پي ٽي آءِ جي بار بار مارچ ملڪ ۾ عدم برداشت ۽ سياسي ٽڪراءَ کي هٿي ڏني. هن چيو ته ان رجحان جي شروعات 2014ع جي ڌرڻي کان ٿي ۽ 2022ع، 2024ع کانپوءِ 2026ع ۾ به اسلام آباد کي سياسي سرگرمين جو مرڪز بڻايو پيو وڃي. راڻا ثناءُ الله الزام لڳايو ته خيبر پختونخواهه حڪومت صوبي ۾ حڪمراني، عوامي مسئلن ۽ سيڪيورٽي صورتحال تي ڌيان ڏيڻ بدران اسلام آباد مارچ لاءِ سرڪاري وسيلن کي استعمال ڪري رهي آهي. هن چيو ته هڪ طرف خيبر پختونخواهه ۾ پوليس اهلڪار سيڪيورٽي فورسز جا جوان ۽ عام شهري دهشتگردي جي واقعن ۾ پنهنجون جانيون قربان ڪري رهيا آهن جڏهن ته ٻئي طرف صوبائي حڪومت اسلام آباد مارچ لاءِ ماڻهن کي گڏ ڪرڻ جي حوصلا افزائي ڪري رهي آهي. سندس چوڻ هو ته دهشتگردي جو شڪار ٿيل ماڻهو به خيبر پختونخواهه جا شهري آهن تنهن ڪري صوبائي حڪومت کي سياسي ٽڪراءَ جي بدران عوام جي تحفظ ۽ امن امان کي ترجيح ڏيڻ گهرجي. راڻا ثناءُ الله چيو ته سياسي سرگرمي آئيني حق آهي، جڏهن ته سنگين سيڪيورٽي صورتحال ۾ سرڪاري مشينري ۽ وسيلن کي سياسي ٽڪراءَ لاءِ استعمال ناقابل قبول آهي. ذاتي يا سياسي ايجنڊا کي قومي مفاد تي ترجيح ڏيڻ نه آئين ۽ نه ئي سياسي اخلاقيات مطابق آهي.

بقايا 3 روزاني عبرت

زرداري بحيره عرب ۾ منشيات اسمگلنگ جي خلاف ڪامياب ڪارروائين تي پاڪ بحريه کي خراج تحسين پيش ڪيو آهي. ايوان صدر جي ميڊيا ونگ پاران جاري بيان موجب صدر پي اين ايس يرموڪ پاران منشيات جي خاتمي جي ٻن ڪامياب ڪاروائين تي پاڪ بحريه ۽ ان جي آفيسرن ۽ جوانن کي مبارڪباد ڏني. صدر پاڪ بحريه جي مسلسل نگراني، مسعدي ۽ سمنڊ ۾ غيرقانوني منشيات جي اسمگلنگ جي خلاف عزم کي ساراهيو. صدر چيو ته سامونڊي حدن ۾ غيرقانوني سرگرمين جي روڪٿام ۽ علائقائي سامونڊي سلامتي جي تحفظ جي لاءِ پاڪ بحريه جو ڪردار ساراهه جوڳو آهي.

بقايا 4 روزاني عبرت

پوري قوم جي دلين ۾ اڃا تائين تازو آهي. آزاد ڄمون ۽ ڪشمير، خيبر پختونخوا ۽ ٻين متاثر علائقن ۾ وڏي پئماني تي جاني نقصان ۽ وڏي پئماني تي تباهي هڪ نه وسرندڙ قومي سانحو آهي اهڙن خيالن جو اظهار هن 8 آڪٽوبر 2005ع جي تباهي ڪندڙ زلزلي کي 21 سال مڪمل ٿيڻ جي موقعي تي پنهنجي پيغام ۾ ڪيو هن متاثر خاندانن جي ڏک ۽ تڪليفن کي ياد ڪندي يڪجهتي جو اظهار ڪيو ۽ چيو ته 8 آڪٽوبر 2005ع جي سانحي کان پوءِ پاڪستاني قوم جنهن اتحاد، همدردي ۽ اجتماعي احساس ذميواري جو مظاهرو ڪيو اهو ملڪي تاريخ جو هڪ فخر جوڳو باب آهي. هن چيو ته سڄي ملڪ مان ماڻهن امدادي ادارن رضاڪارن هٿياربند فوجن ۽ سول سوسائٽي امدادي ڪارروائين ۾ ڀرپور حصو ورتو هن هٿياربند فوج جي ڪردار کي خاص طور تي ساراهيندي چيو ته پاڪ فوج جي جوانن ريسڪيو ۽ امدادي ڪارروائين ۾ ڀرپور حصو ورتو ۽ متاثر علائقن ۾ ماڻهن کي هر ممڪن مدد فراهم ڪئي.

بقايا 5 روزاني عبرت

صدارت هيٺ ييلو لائين بي آر ٽي منصوبي جي حوالي سان هڪ اهم اجلاس منعقد ٿيو جنهن ۾ سيڪريٽري ٽرانسپورٽ اسد ضامن، پروجيڪٽ ڊائريڪٽر ييلو لائين ڪمال دايو ايم ڊي سنڌ ماس ٽرانزٽ اٿارٽي بهزاد ميمڻ ۽ ٻيا لاڳاپيل عملدار شريڪ ٿيا اجلاس ۾ ييلو لائين بي آر ٽي جي مختلف تعميراتي ڪمن منصوبي تي جاري اڳڀرائي ۽ اهم حصن جو تفصيلي جائزو ورتو ويو جڏهن ته لاڳاپيل عملدارن سينيئر وزير شرجيل انعام ميمڻ کي منصوبي تي جاري ڪم ۽ مختلف تعميراتي پيڪيجز جي حوالي سان بريفنگ ڏني. ان موقعي تي سينيئر وزير شرجيل انعام ميمڻ هدايت ڪئي ته ييلو لائين بي آر ٽي منصوبي جي سڀني لاڳاپيل ڪمن کي ڳنڍيل رابطي ۽ مربوط حڪمت عملي تحت اڳتي وڌايو وڃي هن چيو ته ييلو لائين بي آر ٽي ڪراچي جي پبلڪ ٽرانسپورٽ نظام ۾ هڪ اهم منصوبو آهي. تنهن ڪري تعميراتي ڪم ڏينهن رات جاري رکيو وڃي ته جيئن جديد سفري سهولتن جي فراهمي وارو هي منصوبو جلد کان جلد مڪمل ٿي سگهي. شرجيل انعام ميمڻ تاج حيدر پل جي ٻئي حصي تي جاري تعميراتي ڪم کي پڻ جلد کان جلد مڪمل ڪرڻ جي هدايت ڪندي چيو ته تاج حيدر پل جي تعميراتي ڪم ۾ تيزي سان اڳڀرائي يقيني بڻائي وڃي هن منصوبي جي اهم حصي ڊيپوز جي تعميراتي ڪم کي پڻ اوليتي بنيادن تي اڳتي وڌائڻ ۽ رٿا ۾ هر حصي جي باقاعدگي سان نگراني ڪرڻ جي هدايت ڪئي. هن واضح ڪيو ته تعميراتي ڪم جي رفتار سان گڏوگڏ معيار کي به هر صورت ۾ يقيني بڻايو وڃي. سينيئر وزير شرجيل انعام ميمڻ چيو ته سنڌ حڪومت ڪراچي ۾ جديد ۽ مربوط ماس ٽرانزٽ نظام جي فراهمي لاءِ مختلف منصوبن تي ڪم ڪري رهي آهي. ييلو لائين بي آر ٽي سنڌ حڪومت جي جامع ٽرانسپورٽ ويزن جو حصو آهي، جڏهن ته ڪراچي جي وڌندڙ آبادي ۽ سفري ضرورتن کي نظر ۾ رکندي جديد پبلڪ ٽرانسپورٽ نظام اٽر آهي هن چيو ته سنڌ حڪومت عوام کي بهتر، جديد ۽ معياري سفري سهولتون فراهم ڪرڻ لاءِ سڀ ضروري قدم کڻي رهي آهي.

بقايا 6 روزاني عبرت

خاتمي جي ٻن ڪامياب ڪارروائين تي پاڪ بحريه جي آفيسرن ۽ اهلڪارن جي واکاڻ ڪئي آهي. وزيراعظم آفيس جي ميڊيا ونگ پاران جاري بيان موجب بحيره عرب ۾ اٽڪل 96 ملين آمريڪي ڊالر ماليت جي منشيات برآمد ڪرڻ تي وزيراعظم پاران پاڪ بحريه جي آفيسرن ۽ اهلڪارن جي پيشيوارانه صلاحيتن جي واکاڻ ڪئي آهي. وزيراعظم چيو ته پاڪستان نيوي جون وقت سر ۽ ڪامياب ڪارروايون سامونڊي حدن ۾ منشيات جي اسمگلنگ جي خلاف موثر قدم آهن. وزيراعظم چيو ته علائقائي سامونڊي سلامتي ۽ سمنڊ جي ذريعي غيرقانوني سرگرمين جي روڪٿام جي لاءِ پاڪ بحريه جو ڪردار فخر جوڳو آهي. وزيراعظم چيو ته منشيات جي اسمگلنگ جي خلاف جنگ ۾ پاڪستان هر ممڪن قدم جاري رکندو. وزيراعظم چيو ته پاڪستان نيوي جون ڪامياب ڪارروايون علائقائي سامونڊي سلامتي جي تحفظ ۽ سمنڊ جي ذريعي غيرقانوني واپار جي روڪٿام جي لاءِ پاڪستان جي اٽل عزم جون عڪاس آهن.

بقايا 7 روزاني عبرت

دهشتگردن خلاف موثر ۽ فيصلائتين ڪارروائين ذريعي قوم جي عزم ۽ حوصلي جي عڪاسي ڪئي آهي. ايوان صدر جي ميڊيا ونگ پاران اربع تي جاري ڪيل بيان

موجب، صدر اتر وزيرستان ۾ انٽيليجنس تي ٻڌل آپريشن دوران 13 خوارج کي جهنم پهچائڻ تي سيڪيورٽي فورسز جي بهادري ۽ پيشيوارانه صلاحيتن جي تعريف ڪئي ۽ مستونگ ۾ فتنه الهندوستان جي دهشتگردن خلاف ڪامياب ڪارروائي ۾ 5 دهشتگردن کي جهنم پهچائڻ تي پڻ سيڪيورٽي فورسز کي خراج تحسين پيش ڪيو صدر آصف علي زرداري چيو ته سيڪيورٽي فورسز دهشتگردن خلاف موثر ۽ فيصلائتين ڪارروائين ذريعي قوم جي عزم ۽ حوصلي جي عڪاسي ڪئي آهي ڪارروايون دهشتگرد عنصرن خلاف پختي عزم جو واضح اظهار آهن صدر چيو ته دهشتگردن جي غير ملڪي سرپرستن ۽ انهن جي مقامي سهولتڪارن جي سازشن کي ناڪام بڻايو ويندو.

بقايا 8 روزاني عبرت

۽ بنيادي سهولتن جي شعبن ۾ سيڙپڪاريءَ جا موقعا پيدا ڪرڻ آهي هن چيو ته سنڌ ۾ پاڻيءَ جي فراهميءَ جي چئلينجن سان منهن ڏيڻ، آبي وسيلن جي بهتر انتظام ۽ ترقياتي منصوبن لاءِ نجي شعبي ۽ ترقياتي پائيوارن جي سيڙپڪاري وڏي اهميت رکي ٿي تقريب ۾ پلاننگ اينڊ ڊوليپمينٽ جو چيئرمين نجم شاهه آبياشي سيڪريٽري ظريف کيڙو، بلوچستان جا عملدار ۽ ٻيا اعليٰ عهديدار شريڪ هئا. نيشنل ايس ڊي جيز انويسٽمنٽ فيئر جي پڄاڻي تقريب کي خطاب ۽ بعد ۾ ميڊيا سان ڳالهه ٻولهه ڪندي جام خان شوروي چيو ته ٻن ڏينهن واري هن فيئر ترقياتي ضرورتن کي سيڙپڪاريءَ جي موقعن ۽ مالياتي حل سان جوڙڻ لاءِ هڪ اهم پليٽفارم فراهم ڪيو جتي منصوبا جوڙيندڙ ادارن سيڙپڪارن مالياتي ادارن ۽ ترقياتي پائيوارن وچ ۾ سڌوسنئون رابطا بولين جا عمل ٿيا. هن چيو ته سنڌ ۾ عوامي انفراسٽرڪچر ۽ خدمتن جي منصوبن ۾ پبلڪ پرائيويٽ پارٽنرشپ جو مضبوط تجربو موجود آهي. ملير ايڪسپريس وي، ريوراڻين فاريسٽري، ڊيلٽا بليو ڪاربن، شاهراهه ڀٽو ۽ ٿر ڪول پروجيڪٽ ان جون نمايان مثالون آهن. انهن منصوبن مان ظاهر ٿئي ٿو ته مناسب منصوبه بندي ۽ ادارتي پائيواريءَ ذريعي عوامي ضرورتن کي سيڙپڪاريءَ جي اهل منصوبن ۾ تبديل ڪري سگهجي ٿو پاڻيءَ جي فراهميءَ جي مسئلن تي ڳالهه ڪندي سنڌ جي منصوبه بندي ۽ ترقيءَ جي وزير چيو ته ڪراچيءَ کي ڪينجهر ڍنڍ مان تقريبن 100 کان 150 ڪلوميٽر پري کان پاڻي فراهم ڪيو ويندو آهي، جڏهن ته صوبي جا وڏا شهر سنڌو نديءَ جي ڀرسان آباد آهن ۽ سنڌ جي پاڻيءَ جي ضرورتن جو وڏو انحصار سنڌو نديءَ تي آهي. نديءَ ۾ پاڻيءَ جي کوٽ سان صوبي ۾ پاڻيءَ جي فراهميءَ جا مسئلا وڌي ويندا آهن هن چيو ته سنڌ ۾ ٽيوب ويلن جو تعداد هڪ لک کان گهٽ آهي، جڏهن ته سندس بيان موجب پنجاب ۾ تقريبن 14 لک ٽيوب ويل موجود آهن هن سنڌو نديءَ ۾ آلوده پاڻيءَ جي آمد ۽ ڪوٽڙي بئراج تي پاڻيءَ ۾ حل ٿيل نمڪيات (TDS) جي وڌندڙ سطح تي پڻ ڳڻتيءَ جو اظهار ڪيو ۽ چيو ته پاڻيءَ جي معيار ۽ فراهميءَ بابت مسئلن تي اثرائتا قدم کڻڻ جي ضرورت آهي. جام خان شوروي چيو ته برسات جي پاڻيءَ کي ذخيرو ڪرڻ ۽ استعمال ۾ آڻڻ جي منصوبن ۾ سيڙپڪاري پڻ هڪ اهم چئلينج آهي. رين واٽر هارويسٽنگ جي منصوبن کي اثرائتي انداز ۾ اڳتي وڌائڻ لاءِ مالياتي وسيلن، مناسب منصوبه بندي ۽ سيڙپڪاريءَ جا نوان طريقا اختيار ڪرڻا پوندا. هن چيو ته پائيدار ترقيءَ جي مقصدن (SDGs) جي حاصلات لاءِ صرف سرڪاري بجيٽ تي انحصار ڪافي ناهي، بلڪ نجي سيڙپڪاري، ترقياتي فنانسنگ، موسمياتي فنانس ۽ پبلڪ پرائيويٽ پارٽنرشپ کي اثرائتي نموني ڪم ۾ آڻڻو پوندو سندس موجب هر منصوبي جي نوعيت لحاظ کان مناسب مالياتي ماڊل اختيار ڪرڻ ضروري آهي ته جيئن منصوبن جي پڄاڻي ۽ عوام کي بهتر سهولتن جي فراهمي يقيني بڻائي سگهجي ٿي رٿابندي ۽ ترقيءَ کاتي واري وزير چيو ته سنڌ حڪومت منصوبن جي تياري، شفاف طريقيڪار ۽ سيڙپڪاريءَ لاءِ سازگار ادارجاتي نظام کي بهتر بڻائڻ تي توجهه ڏئي رهي آهي هن واضح ڪيو ته سيڙپڪاري فيئر جي اصل ڪاميابي تڏهن ٿيندي جڏهن پيش ڪيل منصوبا عملي پائيواري، سيڙپڪاري، روزگار جي موقعن ۽ بهتر عوامي خدمتن ۾ تبديل ٿيندا. جام خان شوروي سيڙپڪارن، مالياتي ادارن ۽ ترقياتي پائيوارن کي سنڌ ۾ سيڙپڪاريءَ جي موقعن مان فائدو حاصل ڪرڻ جي دعوت ڏيندي چيو ته صوبائي حڪومت منصوبن کي عملي شڪل ڏيڻ لاءِ لاڳاپيل ادارن سان سهڪار جاري رکندي.

بقايا 9 روزاني عبرت

اظهر ڪندي هڪ بيان ۾ هن چيو ته حلف برداري کان اڄ تائين سهيل آفريدي مشن عمران خان تي لڳل آهي جڏهن ته خيبر پختونخواهه دهشتگردي جي ور چڙهيل آهي ۽ وزير اعليٰ کي پي کي صوبو ڇڏڻ بدران عمران خان جو ڪيس وڙهڻ جي ڳڻتي آهي شرجيل انعام ميمڻ چيو ته پنهنجي ناڪامي جو ملبو ٻين تي اڇلائڻ بدران سهيل آفريدي پنهنجي صوبي جي بگڙجندڙ صورتحال جو جواب ڏئي هن چيو ته سقوط ڍاڪا کي سياسي پوائنٽ اسڪورنگ جي لاءِ استعمال ڪرڻ تاريخ، شهيدن ۽ قوم جي توهين آهي تاريخ کي توڙي مروڙي پاڪستان پيپلز پارٽي يا ڀٽو خاندان کي سقوط مشرقي پاڪستان جو ذميوار قرار ڏيڻ قبولڻ جوڳو ناهي سينيئر وزير شرجيل انعام ميمڻ چيو ته پاڪستان پيپلز پارٽي کي سهيل آفريدي جهڙن سيڪيورٽ سياستدانن کان حب الوطني جو سرٽيفڪيٽ وٺڻ جي ڪا ضرورت ناهي پيپلز پارٽي وفاق جي زنجير آهي نفرت ۽ تقسيم جي سياست ڪرڻ وارا پهرين پنهنجو سياسي ڪردار ڏسن ان کانپوءِ پيپلز پارٽي تي آڱر کڻن

بقايا 10 روزاني عبرت

سيشن منعقد ڪيو ويو جنهن ۾ آءِ جي سنڌ جاويد عالم اوڍو خاص شرڪت ڪئي سيشن ۾ ڊي آءِ جي آءِ ٽي عبدالسلام شيخ، پي ڊي آءِ ٽي تبسم عباسي اوورسيز سيڙپڪارن، صنعتڪارن ۽ واپاري برادري جي نمائندن شرڪت ڪئي ان موقعي تي پي ڊي آءِ ٽي پاران اوورسيز سيڙپڪارن ۽ واپارين کي سنڌ پوليس پاران تيار ڪيل اي وي ايس ايپليڪيشن جي مقصدن فائدن، ملازمن جي ڀرتي دوران سجاڳي، پوليس تصديق، ڪرمنل رڪارڊ ۽ هن وقت تائين حاصل ٿيل نتيجن بابت تفصيلي بريفنگ ڏني وئي او آءِ سي سي آءِ پهچڻ تي سيڪريٽري عبدالعليم ۽ ٻين واپاري نمائندن آءِ جي سنڌ جاويد عالم اوڍو جو استقبال ڪيو سيڪريٽري او آءِ سي سي آءِ عبدالعليم چيو ته او آءِ سي سي آءِ ملڪ جي قديم ۽ وڏن ادارن ۾ شمار ٿئي ٿو جڏهن ته ان جا ميمبر ملڪ جي نمايان ٽيڪس ڏيندڙن ۾ شامل آهن اوورسيز سيڙپڪارن گذريل 10 سالن دوران تقريبن 23 ارب ڊالر جي سيڙپڪاري ڪئي آهي سنڌ پوليس ۽ ٻين قانون لاڳو ڪندڙ ادارن جي ڪارڪردگي ساراهه جوڳي آهي آءِ جي سنڌ جاويد عالم اوڍو چيو ته سنڌ پوليس ڪاروباري برادري کي محفوظ ۽ سازگار ماحول فراهم ڪرڻ لاءِ سمورا ممڪن قدم کڻي رهي آهي پوليس ۽ بزنس ڪميونٽي وچ ۾ مسلسل رابطو ڏوهن جي روڪٿام، سيڪيورٽي مسئلن جي فوري حل ۽ ڪاروباري سرگرمين جي واڌاري ۾ اهم ڪردار ادا ڪري سگهي ٿو هن چيو ته ڏوهن امن امان ۽ ٽريفڪ جهڙن مسئلن ۾ سنڌ پوليس، خاص طور ڪراچي پوليس، پنهنجي محنت ۽ ڪارڪردگي سان بهتري آندي آهي ۽ وڌيڪ بهتري لاءِ ڪوششون جاري آهن ماضي جي ڀيٽ ۾ سنڌ، خاص طور ڪراچي ۾ ڏوهن جي مجموعي صورتحال بهتر ٿي آهي جڏهن ته آبادي ۾ واڌ سبب ڏوهن جي طريقيڪار ۾ پڻ تبديلي آئي آهي جاويد عالم اوڍو چيو ته واپاري ۽ صنعتڪار برادري جا سيڪيورٽي بابت مسئلا ۽ تجويزون ترجيحي بنيادن تي ڏٺا وڃن ٿا جڏهن ته بزنس ڪميونٽي جي نمائندن، صنعتڪارن ۽ واپارين جي جان ۽ مال جو تحفظ سنڌ پوليس جي اولين ترجيحن ۾ شامل آهي آءِ جي سنڌ چيو ته مستقبل ۾ پوليسنگ جو وڏو حصو اليڪٽرانڪ نگراني ۽ مصنوعي ذهانت تي ٻڌل هوندو جديد ٽيڪنالاجي جي استعمال سان پوليس ۽ شهرين وچ ۾ غير ضروري انساني مداخلت گهٽ ۽ شفافيت ۾ واڌ ٿي رهي آهي هن چيو ته ڪچي وارن علائقن ۾ پوليس آپريشنز جي نتيجي ۾ صورتحال ۾ نمايان بهتري آئي آهي ۽ شاهراهن کي اڳ کان وڌيڪ محفوظ بڻايو ويو آهي سنڌ حڪومت جي سهڪار سان عادي ڏوهارين تي نظر رکڻ لاءِ اي ٽڪينگ ٽيڪنالاجي طرف پڻ اڳتي وڌي رهيا آهيون جنهن ذريعي سنگين ڏوهن ۾ ملوث جوابدارن جي چرپر بابت رڪارڊ کي وڌيڪ مؤثر نموني اپڊيٽ رکي سگهجي ٿو جاويد عالم اوڍو

روزاني عبرت

مختيار انڙ صفحو 4
اڄوڪو ڏينهن — 08 آڪٽوبر

خيرپور رياست جي آخري حڪمران مير علي مراد خان
رميش راڄا صفحو 4

ڊاڪٽر رميش ڪمار صفحو 4
جوڳندرناٿ منڊل جي استعيفيٰ جا 76 سال

پاڻي ورڇ ۾ انصاف ضروري آهي
صفحو 4

ايڊيٽوريل

اڇڙي ٿر ۾ ڏڪار جهڙي سنگين حالتون، گاهه ختم، مالوند ۽ ماروئڙا پريشان، لڏپلاڻ تي مجبور

برساتون نه پوڻ سبب چوپائي مال لاءِ گاهه ختم، ماڻهو مال وڪڻڻ ۽ واپس لڏپلاڻ تي مجبور، بنيادي سهولتن جي کوٽ برقرار

خوراڪ ۽ چاري جي کوٽ سبب ڪيترن ئي ڳوٺن ۾ بيچيني واري صورتحال پيدا ٿي وئي، ڪيترن ئي ڏورانهن ڳوٺن ۾ ڏڪار جهڙيون حالتون برقرار

قدرتي گاهه، جنهن ۾ ٻوڙو گنڊير، سڻ، پٽ، پوري ۽ ويڪر ڪوڙي گنبول سميت ٻيا گاهه، سڪي ختم ٿي ويا، قيمتي چوپائي مال ڪمزوري جو شڪار

ڏورانهن علائقن ۾ روڊ رستن ۽ آمدرفت جون سهولتون نه هجڻ سبب بيمار ماڻهن کي علاج لاءِ شهرن تائين پهچائڻ ۾ هڪ وڏو مسئلو بڻيل

اين جي اوز پاران به ڏڪار متاثرن لاءِ امدادي سرگرميون نظر نٿيون اچن، چوپائي مال جي علاج لاءِ ويٽرنري عملي جي غير موجودگي به پريشاني جو سبب آهي: ماروئڙا

موجوده ڏڪار واري صورتحال کي سرڪاري طور ڏڪار ستيل علائقو قرار ڏئي هنگامي بنيادن تي چوپائي مال لاءِ چارو، پيئڻ جو پاڻي ۽ ماروئڙن لاءِ خوراڪ فراهم ڪئي وڃي

ڪيرو (رپورٽ: راڄا رشيد ڪنڀر) ڪيرو تعلقي جي اڇڙي ٿر واري علائقي ۾ ڏگهي عرصي کان برساتون نه پوڻ سبب ڏڪار جون سنگين حالتون پيدا ٿي ويون آهن، جنهن ڪري چوپائي مال لاءِ قدرتي گاهه ختم ٿي ويو آهي ۽ مالوند ماڻهو پنهنجو مال وڪڻڻ يا ٻين علائقن ڏانهن واپس لڏپلاڻ ڪرڻ تي مجبور ٿي ويا آهن. خوراڪ ۽ چاري جي کوٽ سبب ڪيترن ئي ڳوٺن ۾ بيچيني واري صورتحال پيدا ٿي وئي آهي. اڇڙي ٿر جي اسوڙن، راڻاڻو، رابلاڻو، ڪارڪي، جونگاڻو، مهرواڙي، ڪٽوراڻو، ٿوراڻو، ڪاروڻ لڏوڻ ملڙاڻو ويسڻاڻ لونگ ٿي علائقن ۾ قدرتي گاهه جنهن ۾ ٻوڙو گنڊير، سڻ، پٽ، پوري ۽ ويڪر ڪوڙي گنبول سميت ٻيا گاهه شامل آهن سڪي ختم ٿي ويا آهن. گاهه جي کوٽ سبب مالوندن جو قيمتي چوپائي مال جنهن ۾ ڍڳون، ٻڪريون، ڏاچيون اٺ، ڳئون ڳڏهه ۽ ٻيو مال شامل آهي بک ۽ ڪمزوري جو شڪار ٿي رهيو آهي. جڏهن ته ڪيترن هنڌن تي مال جي وڃڻ کان اڳ ڦر چڙهڻ جا اطلاع پڻ ملي رهيا آهن. ڏڪار جو اثر صرف چوپائي مال تائين محدود نه رهيو آهي پر علائقي ۾ موجود وٽن ۽ قدرتي وسيلن تي پڻ پئجي رهيو آهي. وٽن ۾ ... مناسب اسپتالون ۽ اسڪول موجود ناهن جڏهن ته بنيادي سهولتن جي کوٽ سبب ماروئڙا پهرواري دور جهڙي زندگي گذارڻ تي مجبور آهن. علائقي ۾ پاڻي جو مسئلو پڻ سنگين صورت اختيار ڪري ويو آهي. ڪيترن ئي هنڌن تي جر جو پاڻي تمام گهڻو هيٺ وڃڻ يا کوهن ۽ ٻين ذريعن ۾ پاڻي جي کوٽ سبب ماڻهو سخت پريشان آهن. مقامي ماڻهن جو چوڻ آهي ته سماجي تنظيمن ۽ اين جي اوز پاران به ڏڪار متاثر ماڻهن لاءِ گهربل سطح تي امدادي سرگرميون نظر نٿيون اچن، چوپائي مال جي علاج لاءِ ويٽرنري عملي جي غير موجودگي ... سبب فور ويل گاڏين ذريعي مريضن کي ڪڍڻ يا مسافرن کي شهر تائين پهچائڻ لاءِ وڏي رقم خرچ ڪرڻي پوي ٿي. رهواسين موجب ڪڏهن ڪڏهن ڪيرو يا ٻين ويجهن شهرن تائين فور ويل گاڏي ڪرڻ لاءِ 12 کان 15 هزار رپيا خرچ اچي ٿو جيڪو غريب ماروئڙن لاءِ وڏو بار آهي. اڇڙي ٿر جي رهواسين حڪومت ۽ ضلعي تنڊي تعلقي انتظاميا کان مطالبو ڪيو آهي ته موجوده ڏڪار واري صورتحال کي سرڪاري طور ڏڪار ستيل علائقو قرار ڏئي هنگامي بنيادن تي چوپائي مال لاءِ چارو، پيئڻ جو پاڻي ۽ ماروئڙن لاءِ خوراڪ فراهم ڪئي وڃي ...

ڪوٽ غلام محمد ۾ رام جاڳو آراڙو مين روڊ تباهيءَ جو شڪار، حادثن جو خدشو وڌي ويو

مڪ رام جاڳو آراڙو روڊ، ميٺا موڙ کان رام جاڳو موري تائين، ڊگهي عرصي کان سخت زبون حاليءَ جو شڪار بڻيل

روڊ ۾ وڏا کڏا پئجي ويا، روڊ جا پٿر ٻاهر نڪري اچڻ سبب سفر انتهائي ڏکيو ۽ خطرناڪ بڻجي ويو، حادثا روز جو معمول بڻجي ويا

تاريخي ۽ اهميت رکندڙ هي روڊ هاڻي عوام لاءِ سهولت بدران عذاب بڻجي چڪو آهي، نوٽيس وٺي، مرمت ۽ بحاليءَ جو ڪم شروع ڪرايو وڃي: رهواسي

ڪوٽ غلام محمد (ت ر) رام جاڳو آراڙو مين روڊ تباهيءَ جو شڪار، حادثن جو خدشو وڌي ويو. ڪوٽ غلام محمد جو مڪ رام جاڳو آراڙو مين مڪ روڊ، ميٺا موڙ کان رام جاڳو موري تائين، ڊگهي عرصي کان سخت زبون حاليءَ جو شڪار بڻيل آهي. مشرف دور ۾ ڪروڙين روپين جي لاڳت سان تعمير ڪرايل هن روڊ ۾ هن وقت وڏا کڏا پئجي ويا آهن. جڏهن ته روڊ جا پٿر ٻاهر نڪري اچڻ سبب سفر انتهائي ڏکيو ۽ خطرناڪ بڻجي ويو آهي. روڊ جي خستہ حالت سبب حادثا روز جو معمول بڻجي ويا آهن ۽ ايندڙ ويندڙ گاڏين کي پڻ سخت نقصان پهچي رهيو آهي. ڪمند جي شروع ٿيندڙ سيزن دوران بچاٻند، صالح پنهور، صوفي فقير، پکوري شادي پلي سميت مختلف علائقن کان ڪمند سان ڀريل ٽريڪٽر ٽرالر ۽ ٽرڪون وڏي انگ ۾ هن روڊ تان گذرنديون، جنهن سان حادثن جو خطرو وڌيڪ وڌڻ جو خدشو آهي. هي اهم روڊ ڳوٺ قاسم آجاڻي، محرم ڪوسو جسڪاڻي اسٽاپ ميٺو موڙ پکوري، غلام محمد پرڳڙي ۽ ٻين ڪيترن ئي قديمي ڳوٺن کي ڪوٽ غلام محمد شهر سان ڳنڍي ٿو. تاريخي طور انگريز دور ۾ گهوڙن ذريعي مختلف علائقن ڏانهن ٽپال به هن ئي رستي تان موڪلي ويندي هئي، جنهن ڪري ان کي تار وارو رستو پڻ سڏيو ويندو هو. علائقي واسين جو چوڻ آهي ته تاريخي ۽ اهميت رکندڙ هي روڊ هاڻي عوام لاءِ سهولت بدران عذاب بڻجي چڪو آهي. هنن مقامي انتظاميا ۽ چونڊيل نمائندن کان سخت مطالبو ڪيو آهي ته فوري طور روڊ جو نوٽيس وٺي، مرمت ۽ بحاليءَ جو ڪم شروع ڪرايو وڃي. بي صورت ۾ علائقي جا رهواسي ذميوارن خلاف ڀرپور احتجاج ۽ پنهنجو آواز بلند ڪرڻ تي مجبور ٿيندا.

ڪوٽ غلام محمد رام جاڳو آراڙو مين روڊ تباهيءَ جو شڪار نظر اينديءَ ٻئي طرف شهري ميڊيا سان ڳالهائيندي

سڪرنڊ ۾ سينيئر استاد راشد علي مڪرم جي رٽائر ٿيڻ تي الوداعي آجياڻو رکيو ويو

سڪرنڊ (س ر) گورنمينٽ بوائز پرائمري اسڪول خان محمد چوهاڻ جي سينيئر استاد راشد علي مڪرم جي رٽائر ٿيڻ تي اسڪول جي استادن ۽ ڳوٺاڻن پاران الوداعي آجياڻو رکيو ويو جنهن ۾ مختلف مڪتب فڪر جي شخصيتن شرڪت ڪئي جن ۾ سڪرنڊ پريس ڪلب جو جنرل سيڪريٽري غلام نبي ملاح، قربان علي عمراڻي، نياز چانڊيو، بشير لاشاري، قاسم خاصخيلي، منير اختر پٽي، محمد ارشد آرائين، ٽي او سيڪنڊري پرويز احمد خاصخيلي، ٽي او پرائمري محمد خان ڪلوئي، مير محمد رند، ارباب علي پرهياڙ شامل هئا جن کان اسٽيج سيڪريٽري نثار احمد ٻنڀ ترتيبوار ويچار ورتا جن الڳ الڳ راشد علي مڪرم جي زندگيءَ تي ڳالهائيندي چيو ته راشد علي جيڪو وقت به ڊيوٽي ڪئي سا ايمانداري سان ڪئي ۽ پنهنجون ذميواريون پوريون ڪيون پاڻ تونڙي جو وقت کان اڳ رٽائرمينٽ ورتي آهي پر سندس يادگيريون هميشه هن اسڪول سان رهنديون هنن وڌيڪ چيو ته راشد علي مڪرم ۾ پڙهائيءَ سان گڏ منجهس قومي شعور پڻ هو اسين سمجهون ٿا ته اهوئي سبب آهي جو اڄ کيس پيدا پيش ڪئي پئي وڃي آخر ۾ راشد علي مڪرم ڳالهائيندي چيو ته ڪن ذاتي مجبورين سبب رٽائرمينٽ ورتي آهي باقي حقيقت هيءَ آهي ته هن اسڪول جون سارئيون ڪڏهن به وساري نه سگهندس ...

شاهپور جهانيان پرسان ڳوٺ ارگو ٻگهيو ۾ مفت ڪئمپ، مريضن جو چيڪ اپ ڪيو ويو

شاهپور جهانيان (ن ع) شاهپور جهانيان ۾ سوشل ورڪر نعيم چنا جي طرفان شاهپور جهانيان پرسان ڳوٺ ارگو ٻگهيو ۾ ڪين جي چيڪ اپ جنرل فيزيشن ۽ ڊنڊن جي مريضن جو مفت چيڪ اپ ڪيو ويو ان موقعي تي ميڊيا سان ڳالهائيندي ڳوٺن لياقت ٻگهيو، فوجي صديق ٻگهيو، ارسلان ٻگهيو ۽ ٻين چيو ته اسان تمام شڪرگذار آهيون نعيم چنا جا جنهن اسان جي ڳوٺ ارگو ٻگهيو ۾ هڪ ڏينهن جي فري ميڊيڪل ڪيمپ ڏني

ڪيرو اڇڙي ٿر واري علائقي ۾ ڊگهي عرصي کان برساتون نه پوڻ سبب ڏڪار صورتحال نظر اچي رهي آهي (

مهراڻ يونيورسٽي ۾ منشيات کان پاڪ پاڪستان جي عنوان سان آگاهي سيمينار

قوم جي مستقبل کي غلط راهه تي آڻڻ لاءِ اهڙيون سازشون ٿينديون آهن: عامر حسين

نوجوانن کي بي راهه روي اختيار ڪرائي ويندي آهي، منشيات کان بچڻ گهرجي: صفا آصف

تعليم يافته نوجوانن کي تعليم تي ئي ڌيان ڏيڻ گهرجي: ڊاڪٽر شعيب شيخ

ڄامشورو مهراڻ يونيورسٽيءَ ۾ منشيات کان پاڪ پاڪستان جي عنوان سان ٿيل سيمينار ۾ ماهر ڳالهائيندي

ڄامشورو (پ ر) مهراڻ يونيورسٽي آف انجنيئرنگ اينڊ ٽيڪنالاجي ڄامشورو ۾ انسداد منشيات فورس حيدرآباد پاران منشيات کان پاڪ پاڪستان جي عنوان سان آگاهي سيمينار منعقد ڪيو ويو. سيمينار کي خطاب ڪندي انسداد منشيات فورس حيدرآباد جي ايس ايڇ او عامر حسين، ماهر نفسيات صفا آصف ۽ مهراڻ يونيورسٽي اسٽوڊنٽس ايڊوائيزر ڊاڪٽر شعيب شيخ چيو ته نوجوانن کي منشيات جهڙي لعنت کان بچڻ گهرجي. قوم جي مستقبل کي غلط راهه تي آڻڻ لاءِ اهڙيون سازشون ٿينديون آهن نوجوانن کي بي راهه روي اختيار ڪرائي ويندي آهي. جيئن سوشل ميڊيا پليٽ فارمز جو استعمال به مثبت ڪرڻ گهرجي. تعليم يافته نوجوانن کي تعليم تي ڌيان ڏيڻ گهرجي، تعليم، تربيت ۽ سڪيا ئي بهتر شهري پيدا ڪري اسان کي رهڻ لائق دنيا ڏئي سگهن ٿا. منشيات جي آمدرفت بند ٿيڻ گهرجي نشي آور شين کان نوجوانن کي بچڻ گهرجي

نصيرآباد ۾ زمين تي پاڻي ڇوڙ تان ڪوسا برادري جي ٻن ڌرين ۾ جهيڙو

هڪ ڌر جي گهر مٿان فائرنگ، ٻئي ڌر لڳل الزامن کي رد ڪري ڇڏيو

واقعي بابت اختيار ڪوسو پاران نصيرآباد ٿاڻي تي اين سي داخل ڪرائي وئي

اسپتال مان ڊسچارج ٿيڻ بعد مٿن فائرنگ جو ڪوڙو الزام لڳايو ويو آهي: نور محمد

نصيرآباد (ن ع) ڪجهه ڏينهن اڳ زمين تي پاڻي ڇوڙ تان ڳوٺ ڳونڊل ۾ ڪوسا برادري جي ٻن ڌرين وچ ۾ هلندڙ تڪرار ٻيهر شدت اختيار ڪري ويو. هڪ ڌر جي حسينہ خاتون الزام لڳايو آهي ته رات دير سان شيخ محلا ۾ مختيار ڪوسو جي گهر تي تيز فائرنگ ڪئي وئي، جنهن دوران گهر ڀاتي ڪمرن اندر لڪي جان بچائي. سندس چوڻ موجب پاڙيسرين فائرنگ جا آواز ٻڌا، جڏهن ته پوليس به واقعي واري هنڌ پهتي. واقعي بابت اختيار ڪوسو پاران نصيرآباد ٿاڻي تي اين سي داخل ڪرائي وئي آهي. پوليس موجب رات هڪ وڳي کان پوءِ فائرنگ جا آواز ٻڌڻ ۾ آيا، جڏهن ته ايس ايڇ او نصيرآباد واقعي جي جاچ ڪري رهيو آهي. ٻئي طرف الزام هيٺ آيل نور محمد ڪوسو صدام ڪوسو شهزادو ڪوسو ۽ ممتاز ڪوسو تعلقه پريس ڪلب ۾ پريس ڪانفرنس ڪندي الزامن کي رد ڪندي چيو ته ڪجهه ڏينهن اڳ مٿن حملو ٿيو هو ۽ ان واقعي جي ايف آءِ آر نصيرآباد ٿاڻي تي داخل ٿيل آهي. هنن دعويٰ ڪئي ته لاڙڪاڻي اسپتال مان ڊسچارج ٿيڻ بعد مٿن فائرنگ جو ڪوڙو الزام لڳايو ويو آهي. هنن چيو ته ڪيس مختيار اختيار ۽ ٻين جوابدارن پاران ڪيس تان هٽ ڪڻڻ لاءِ هراسان ۽ ڌمڪايو پيو وڃي. الزام هيٺ آيل ڌر واضح ڪيو ته هنن فائرنگ ناهي ڪئي ۽ واقعي سان ڪو واسطو ناهي ۽ حملو به اسان تي ٿي، ماڻهون مرڻي به اسان جا ٿيون ۽ ڪوڙا الزام به اسان مٿان لڳايا پيا وڃن. ٻنهي ڌرين واقعي جي شفاف جاچ ۽ انصاف جو مطالبو ڪيو آهي

نصيرآباد نور محمد ڪوسو پريس ڪانفرنس کي خطاب ڪندي

مورو ۾ ميڊيڪل اسٽورن خلاف ڪريڪ ڊائون، مدي خارج ۽ سرڪاري دوائون هٽ، ڏنڊ لاڳو

اسسٽنٽ ڪمشنر نعيم وسطڙو ۽ ڊرگ انسپيڪٽر عملي سان گڏ شهر جي مختلف ميڊيڪل اسٽورن جو اوچتو دورو ڪيو

چڪاس دوران ڪيترن ئي ميڊيڪل اسٽورن تان مدي خارج ۽ سرڪاري دوائون هٿ اچڻ بعد ڪيترن ئي ميڊيڪل اسٽورن تي ڏنڊ لاڳو ڪيا ويا

ضابطن جي ڀڃڪڙي ڪندڙ ميڊيڪل اسٽورن خلاف ڏنڊ ۽ ٻين قانوني قدمن جو سلسلو جاري رکيو ويندو: اسسٽنٽ ڪمشنر

مورو (ن ع) مورو ۾ ميڊيڪل اسٽورن خلاف انتظاميه جو ڪريڪ ڊائون، مدي خارج ۽ سرڪاري دوائون هٽ، وڏا ڏنڊ لاڳو. مورو شهر ۾ انساني جانين سان لاڳاپيل دوائن جي معيار ۽ وڪري بابت انتظاميا پاران ڪارروائي ڪندي مختلف ميڊيڪل اسٽورن جي اوچتي چڪاس ڪئي وئي، جنهن دوران مدي خارج دوائون، سرڪاري دوائون ۽ ٻيون بي ضابطگيون سامهون اچڻ تي ڪيترن ئي ميڊيڪل اسٽورن تي ڏنڊ لاڳو ڪيا ويا. جڏهن ته ڪجهه اسٽورن کي سيل ڪرڻ جون هدايتون پڻ جاري ڪيون ويون. اسسٽنٽ ڪمشنر مورو نعيم اختر وسطڙو ۽ ڊرگ انسپيڪٽر افضل ميمڻ عملي سان گڏ مورو شهر جي مختلف ميڊيڪل اسٽورن جو اوچتو دورو ڪري دوائن جي اسٽاڪ، مدي، وڪري ۽ قانوني ضابطن تحت چڪاس ڪئي. چڪاس دوران ڪيترن ئي ميڊيڪل اسٽورن تان مدي خارج ۽ سرڪاري دوائون هٿ اچڻ سان انتظاميا پاران سخت نوٽيس ورتو ويو. ڊرگ انسپيڪٽر افضل ميمڻ موجب هٿ ڪيل دوائن بابت قانوني طريقيڪار تحت وڌيڪ ڪارروائي ڪئي ويندي، جڏهن ته ضابطن جي ڀڃڪڙي ڪندڙ ميڊيڪل اسٽورن خلاف ڏنڊ ۽ ٻين قانوني قدمن جو سلسلو جاري رکيو ويندو. جڏهن ته شهرين مطالبو ڪيو آهي ته انساني جانين سان لاڳاپيل دوائن جي معيار کي يقيني بڻائڻ لاءِ اهڙيون چڪاسون باقاعدگي سان جاري رکيون وڃن

مسوري ڳوٺي لڳ جيٺنڊل ڪوٽ جو ڳوٺ غلام حيدر جريو بنيادي انساني سهولتن کان محروم بڻيل

لڳ ڀڳ پنج هزار آبادي تي مشتمل ڳوٺ ۾ عوام کي ترقي ۽ بنيادي سهولتن جا صرف خواب ڏيکاريا وڃن ٿا

سوئي گيس، اسپتال يا صحت مرڪز، نياڻين لاءِ اسڪول، پڪين گهٽين، ڊرينيج سسٽم، صاف پاڻي سميت ٻين سهولتن جو فقدان

هڪ طرف حڪومت عورتن جي تعليم ۽ بااختياري جا نعرا هڻي ٿي ته ٻئي طرف هزارين نياڻيون بنيادي تعليمي سهولت کان محروم آهن: رهواسي

صحت جون مناسب سهولتون نه هجڻ سبب ڳوٺاڻن کي معمولي علاج لاءِ به ٻين علائقن جو رخ ڪرڻو پوي ٿو، عوام کي ڏمريون نه سهولتون گهرجن

مسوري ڳوٺ غلام حيدر جريو بنيادي سهولتن کان محروم هجڻ خلاف ڳوٺاڻا احتجاج ڪندي

مسوري ڳوٺي (ن ع) مسوري ڳوٺي لڳ يوسي 22 جيٺنڊل ڪوٽ جو ڳوٺ غلام حيدر جريو لڳ ڀڳ پنج هزار آبادي تي مشتمل هجڻ باوجود اڄ به بنيادي انساني سهولتن کان محروم بڻيل آهي. ڳوٺ ۾ هزارين ووٽر موجود آهن جيڪي هر چونڊ ۾ وڏي انگ ۾ پنهنجو ووٽ ڏئي چونڊيل نمائندن کي ڪامياب بڻائيندا رهيا آهن پر افسوس جو ووٽن جي ان مسلسل حمايت باوجود ڳوٺاڻن جي قسمت تبديل نه ٿي سگهي آهي. رهواسين جو چوڻ آهي ته هر ڀيري چونڊن دوران سياسي پارٽين جا نمائندا ووٽ وٺڻ لاءِ ڳوٺن جا چڪر ڪاٽين ٿا، واعدا ڪيا وڃن ٿا ۽ عوام کي ترقي ۽ بنيادي سهولتن جا خواب ڏيکاريا وڃن ٿا، پر چونڊون ختم ٿيڻ کان پوءِ اهي ئي مسئلا ٻيهر نظرانداز ٿي وڃن ٿا. خاص طور تي ڳوٺاڻن جو چوڻ آهي ته جاڏايل پولنگ اسٽيشن تان پيپلزپارٽي کي هر چونڊ ۾ واضح برتري ۽ ڪلين سوئيپ ملندو رهيو آهي، پر ان جي باوجود ڳوٺ ۾ اڄ تائين سوئي گيس، بهتر اسپتال يا بنيادي صحت مرڪز، نياڻين لاءِ اسڪول، پڪين گهٽين، مناسب ڊرينيج سسٽم، صاف ۽ ملي پيئڻ جي پاڻي سميت ٻين بنيادي سهولتن جو فقدان موجود آهي. هي صورتحال رڳو ترقياتي کوٽ نه، پر هزارين ماڻهن جي بنيادي حقن بابت هڪ وڏو سوال بڻجي چڪي آهي. ووٽ جي عزت ڪٿي آهي؟ سوال اهو آهي ته جيڪڏهن هڪ ڳوٺ جا هزارين ووٽر مسلسل پنهنجو ووٽ ڏئي چونڊيل نمائندن کي اقتدار تائين پهچائين ٿا، ته پوءِ انهن ووٽرن جي بنيادي مسئلن جو حل ڪڏهن ٿيندو؟ ڳوٺ ۾ نياڻين لاءِ مناسب تعليمي سهولت نه هجڻ خاص طور تي ڳڻتي جوڳي صورتحال آهي. هڪ طرف حڪومت عورتن جي تعليم ۽ بااختياري جا نعرا هڻي ٿي، ته ٻئي طرف هزارين آبادي وارن ڳوٺن جون نياڻيون بنيادي تعليمي سهولت کان محروم آهن. صحت جون مناسب سهولتون نه هجڻ سبب ڳوٺاڻن کي معمولي علاج لاءِ به ٻين علائقن جو رخ ڪرڻو پوي ٿو. جڏهن ته صاف ۽ ملي پيئڻ جي پاڻي جي سهولت نه هجڻ عوام جي صحت لاءِ سنگين خطرو بڻجي سگهي ٿي. جڏهن ته خراب رستا روزمره جي اچ وڃ کي به متاثر ڪن ٿا. غلام حيدر جريو ڳوٺ جا رهواسي هاڻي رڳو واعدا نه پر عملي قدم چاهين ٿا. غلام حيدر جريو ڳوٺ جي رهواسين متعلقي جي پ پ پ جي چونڊيل نمائندن، ضلعي انتظاميا ۽ لاڳاپيل سرڪاري ادارن کان مطالبو ڪيو آهي ته ڳوٺ ۾ سوئي گيس، صحت مرڪز، نياڻين لاءِ اسڪول، پڪيون گهٽيون، ڊرينيج سسٽم، صاف ۽ ملي پيئڻ جي پاڻي سميت سمورين بنيادي سهولتون فراهم ڪري عوام جي ڊگهي عرصي کان هلندڙ محروميءَ جو ازالو ڪيو وڃي. هاڻي وقت اچي ويو آهي ته ووٽن جا واعدا زمين تي نظر اچن ۽ ته عوام کي تقريرن نه سهولتون گهرجن

ڪنڌڪوٽ ۽ پسگردائي ۾ سماجي برائين جو رجحان وڌي ويو، نوجوانن جو مستقبل داءَ تي لڳل، پوليس خاموش

علائقن ۾ ديسي شراب، آئس، چرس، جوا سميت مختلف غيرقانوني سرگرميون مبينا نموني سرعام هلڻ لڳيون

غيرقانوني سرگرمين سبب خاص طور نوجوانن جو مستقبل متاثر ٿيڻ جو خدشو وڌي ويو، پوليس جي ڪارڪردگي بابت پڻ سوال اٿاريا پيا وڃن

سماجي برائين جو نوٽيس وٺي، ذميوارن خلاف قانون موجب ڪارروائي ڪئي وڃي ۽ علائقي ۾ امن امان جي صورتحال بهتر بڻائي وڃي: رهواسي

ڪنڌڪوٽ (ن ع) ڪنڌڪوٽ ۽ پسگردائي ۾ سماجي برائين جو وڌندڙ رجحان، نوجوانن جو مستقبل داءَ تي لڳل پوليس خاموش بڻيل. ڪنڌڪوٽ ۽ پسگردائي جي مختلف علائقن ۾ مبينا طور سماجي برائين جو رجحان وڌڻ لڳو آهي، جتي ديسي شراب، آئس، چرس، جوا سميت مختلف غيرقانوني سرگرميون مبينا نموني سرعام جاري آهن. علائقي واسين جو چوڻ آهي ته اهڙين سرگرمين سبب خاص طور نوجوانن جو مستقبل متاثر ٿيڻ جو خدشو وڌي ويو آهي، جڏهن ته لاڳاپيل حد جي پوليس جي ڪارڪردگي بابت پڻ سوال اٿاريا پيا وڃن. شهرين مطالبو ڪيو آهي ته سماجي برائين خلاف بنا فرق ڪارروائي ڪري نوجوان نسل کي تباهي کان بچايو وڃي. علائقي جي عوام ڊي آءِ جي شهيد بينظيرآباد ۽ لاڳاپيل پوليس اختيارين کان مطالبو ڪيو آهي ته ڪنڌڪوٽ ۽ پسگردائي ۾ مبينا طور جاري سماجي برائين جو نوٽيس وٺي، ذميوارن خلاف قانون موجب ڪارروائي ڪئي وڃي ۽ علائقي ۾ امن امان جي صورتحال بهتر بڻائي وڃي

شهري اتحاد ميهڙ پاران 25هين ڏينهن به احتجاجي ريلي

شهري اتحاد جي سڏ تي ميونسپل انتظاميه خلاف نعريبازي ڪئي وئي

ميهڙ شهر جا رهواسي ڪيترن ئي بنيادي مسئلن کي منهن ڏئي رهيا آهن: نياز برڙو

ميهڙ (ن ع) ميهڙ شهر ۾ صفائي ستٿرائي جي ناقص انتظامن، گندگي جا ڍير ختم نه ٿيڻ ۽ شهرين کي پيئڻ جو صاف پاڻي فراهم نه ڪرڻ خلاف شهري اتحاد ميهڙ پاران احتجاج جو سلسلو 25هين ڏينهن به جاري رهيو. شهري اتحاد جي چيئرمين نياز علي برڙو جي سڏ تي وڏي انگ ۾ شهرين، سماجي اڳواڻن ۽ وڪيلن شرڪت ڪئي ۽ ميونسپل انتظاميا خلاف سخت نعريبازي ڪئي. ان سلسلي ۾ شهري اتحاد ميهڙ جي چيئرمين نياز علي برڙو ايڊووڪيٽ مير ڪوسو ايڊووڪيٽ پنهل ڪوسو محمد ايوب ڪوسو حافظ منظور احمد چانڊيو عبدالفتاح شاهه زبير علي سمون محمد اسماعيل بروهي نبيل پنهور محبوب ڪوسو صابر راڄڙ مير شڪيل عطاءُ محرم علي برڙو محمد علي سولنگي مهتاب ٿيٻو محمد هاشم برڙو محمد رمضان بروهي ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ سينيما چونڪ کان احتجاجي ريلي ڪڍي وئي، احتجاجي ريلي شهر جي مختلف رستن ۽ اهم چونڪن تان ٿيندي گهنٽا گهر چونڪ پهتي، جتان ريلي شرڪت ڪندڙن جي صورت ۾ آزاد پريس ڪلب ميهڙ تائين پهتي ان دوران مظاهرين هٿن ۾ پلي ڪارڊ ۽ بينر کڻي ميونسپل ڪاميٽي جي انتظاميا خلاف نعريبازي ڪئي ۽ شهر جا بنيادي مسئلا فوري طور حل ڪرڻ جو مطالبو ڪيو. ان موقعي تي شهري اتحاد جي اڳواڻن خطاب ڪندي چيو ته ميهڙ شهر جا رهواسي ڪيترن ئي بنيادي مسئلن کي منهن ڏئي رهيا آهن شهر جي مختلف علائقن ۾ صفائي جو مناسب انتظام نه هجڻ سبب گندگي جا ڍير لڳل آهن، جڏهن ته نالين جي صفائي ۽ گندي پاڻي جي نيڪال جو نظام پڻ بهتر نه هجڻ ڪري شهرين کي سخت تڪليفن کي منهن ڏيڻو پئجي رهيو آهي. اڳواڻن جو چوڻ هو ته پيئڻ جو صاف پاڻي جي فراهمي پڻ شهرين جو بنيادي حق آهي، پر ان باوجود ڪيترن ئي علائقن ۾ شهرين کي صاف پاڻي جي ڪوٽ جون شڪايتون موجود آهن ... هو گذريل 25 ڏينهن کان پرامن طريقي سان پنهنجو احتجاج رڪارڊ ڪرائي رهيا آهن.

ميهڙ شهري اتحاد ميهڙ پاران 25هين ڏينهن به احتجاجي ريلي ڪڍي پئي وڃي

رشيدارن سيف الله عزيز الله ۽ عطاءُ الله اسان کي بلاجواز گار گند ڪئي آهي: مقصود مگنهار

ميهڙ (ن ع) ميهڙ لڳ ڳوٺ گهاڙي جي رهواسين مقصود مگنهار ۽ سونڻ مگنهار احتجاج ڪندي ڏانهيندي چيو ته اسان جي ڳوٺ گهاڙي ۾ ڳوٺ جي وڏيري خالد ٿيٻو جو پلاٽ آهي جنهن تي سڀ ڳوٺ وارا پنهنجي اينڊڙ مهمانن کي ويهاريندا آهيون ۽ اسان به اتي ويهي ڪچهري ڪندا آهيون، سڄي ڳوٺ جي اوطاق طور اهو پلاٽ استعمال ٿيندو آهي، جنهن جي اجازت وڏيري خود ڏني آهي، هنن چيو ته اسان اتي ويهڻ تان اسان جي رشيدارن سيف الله عزيز الله ۽ عطاءُ الله اسان سان بلاجواز گار گند ڪئي ۽ مقصود کي ڏنڊو هنيو جنهن سبب ان جي ٻانهن ٽٽي پئي آهي هنن چيو ته انهن اسان جي گهر ۾ داخل ٿي اسان جي عورتن سان به گارگند ڪئي ۽ مارڻ جون ڌمڪيون ڏنيون هنن چيو ته اسين مرحوم اي ايس آءِ غلام مصطفيٰ مگنهار جا پٽ آهيون پوءِ به اين سي داخل ٿيڻ باوجود پوليس اسان جي واهر نه پئي ڪري هنن آءِ جي سنڌ ڊي آءِ جي حيدرآباد ۽ ايس ايس پي دادو کان مطالبو ڪيو ته اسان جي واهر ڪري اسان سان انصاف ڪيو وڃي

ٽنڊو محمد خان ۾ شمشان گهاٽ تي قبضي ۽ رستو بند ڪرڻ خلاف احتجاجي مظاهرو

ناڪر برادري بدين حيدر آباد روڊ تي مظاهرو ڪري ڌرڻو هڻي نعري بازي ڪئي

شمشان گهاٽ جو روڊ کولي فوري نوٽيس وٺي مبينا قبضي جي جاچ ڪرائي وڃي: اڳواڻ

ٽنڊو محمد خان (ن ع) ٽنڊو محمد خان جي ناڪر برادري سوين عورتن مردن جو انور ڪالوني لڳ شمشان گهاٽ تي مبينا قبضي ۽ رستو بند ڪرڻ خلاف مين بدين حيدر آباد روڊ تي احتجاجي مظاهرو ڪري ڌرڻو هڻي نعري بازي ڪئي وئي ڌرڻي ۾ سنڌ پبلڪ پارٽي ۽ ناڪر برادري جا سوين ماڻهو موجود هئا ان موقعي تي ڌرڻي کي پيسو ناڪر ساجد پٽي، ورو ناڪر ۽ ٻين اڳواڻن خطاب ڪندي چيو ته اقليتي برادري جا حق محفوظ ڪيا وڃن ۽ اقليتي برادري سان ناانصافي بند ڪئي وڃي ضلعي انتظاميا معاملي جو نوٽس وٺي اقليتي برادري سان انصاف ڪن هنن چيو ته اسان جو سوين سال قديمي شمشان گهاٽ آهي ان جي هڪ ايڪڙ ڪان مٿي زمين تي قبضي جي زبردستي ڪوشش ڪئي پئي وڃي ۽ رستا بند ڪيا ويا آهن اسان کي شمشان گهاٽ ڏانهن لاش کڻي ويندي اسين قبضو ڪندڙ خلاف قانوني ڪارروائي ڪري رستو بحال ڪرائي اسان سان انصاف ڪيو وڃي

ٽنڊو محمد خان شمشان گهاٽ تي قبضي ۽ رستو بند ڪرڻ خلاف احتجاجي مظاهرو

ايم اين اي جاويد شاهه جيلاني پرنس مير مهدي رضا ٽالپور سان تعزيت ڪئي

هنگورجا (ن ع) پاڪستان پيپلز پارٽي جي ايم اين اي سيد جاويد علي شاهه جيلاني ۽ سندس فرزند، ضلعي خيرپور پيپلز پارٽي جي نائب صدر سيد فهد علي شاهه جيلاني فيض محل خيرپور پهچي خيرپور رياست جي آخري والي هز هائينس مير علي مراد خان ٽالپور جي وفات تي پرنس مير مهدي رضا ٽالپور ۽ ٻين وارثن سان تعزيت ڪئي ان موقعي تي سيد جاويد علي شاهه جيلاني ٽالپور خاندان سان دلي همدردي ۽ افسوس جو اظهار ڪندي مرحوم جي مغفرت ۽ بلند درجات لاءِ دعا ڪئي

گرلز هاءِ اسڪول ملي ويسٽ ۾ پهرين ٽرم امتحان جي نتيجن جي اعلان

ملي (ڊ ر) گورنمينٽ گرلز هاءِ اسڪول ملي ويسٽ ۾ پهرين ٽرم امتحان جي نتيجن جي اعلان، پوزيشن حاصل ڪندڙ شاگردياڻين ۾ انعامن جي ورهاست ۽ والدين استادن جي گڏجاڻي جو هڪ شاندار ۽ ڪامياب پروگرام منعقد ڪيو ويو جنهن ۾ وڏي انگ ۾ والدين شرڪت ڪئي. پهرين، ٻي ۽ ٽين پوزيشن حاصل ڪندڙ شاگردياڻين کي انعام ۽ سرٽيفڪيٽ ڏنا ويا، جڏهن ته والدين کي سندن نياڻين جي تعليمي ڪارڪردگي ۽ اسڪول جي تعليمي سرگرمين بابت آگاهي ڏني وئي ...

ڊائريڪٽر جنرل خلاف ايگريڪلچرل ايڪسٽينشن خلاف قلم ڇڏ احتجاج

ڊگهڙي ۾ ايگريڪلچرل آفيسرن ۽ ملازمن صوبائي اعلان تي قلم ڇڏ احتجاج ڪيو

ڪاتي مان ئي ڪنهن اهل ۽ تجربي ڪار آفيسر کي ڊائريڪٽر جنرل مقرر ڪيو وڃي: اڳواڻ

ڊگهڙي ڊائريڪٽر جنرل خلاف ايگريڪلچرل ايڪسٽينشن خلاف قلم ڇڏ هڙتال ڪئي پئي وڃي

ڊگهڙي (ن ع) ڊگهڙي سميت سڄي سنڌ ۾ نئين مقرر ڪيل ڊائريڪٽر جنرل خلاف ايگريڪلچرل ايڪسٽينشن ڪاتي جي ملازمن پاران قلم ڇڏ احتجاج ڪيو ويو ...

براڊرز سوشل لائرز فورم پاران منير اي ملڪ ايڊووڪيٽ جي مان ۾ تقريب

فورم جي عهديدارن ۽ ميمبرن، سينيئر وڪيلن ۽ معزز مهمانن شرڪت ڪئي

فورم نوجوان وڪيلن جي حوصلا افزائي ۽ سهڪار لاءِ ڪوششون جاري رکندو: دلدار شيخ

ڪراچي (رپورٽ: صالح بلوچ) براڊرز سوشل لائرز فورم پاران پاڪستان بار ڪائونسل جي ايگزيڪيوٽو ڪميٽي جي چيئرمين منير احمد ملڪ ايڊووڪيٽ جي مان ۾ هڪ باوقار استقباليه تقريب منعقد ڪئي وئي ...

تنظيم اصلاح المدارس جي 150 مدرسن جي امتحانن ۾ شبير احمد ملاح پهرين پوزيشن ماڻي ورتي

حادثن جو شڪار سينيٽيشن ورڪرن جي وارثن کي معاوضو ڏنو وڃي: سيموئل پيارا

سپريم ڪورٽ حڪم جاري ڪيا هئي ته عملي کي سامان ۽ سهولتون ڏنيون وڃن

ڪانٽريڪٽ تي ڪم ڪندڙ پوريهٽ کي 20 کان 22 هزار پگهار ادا ڪئي پئي وڃي

ٽنڊو محمد خان روڊ تي ڪار ۽ موٽر سائيڪل ۾ ٽڪر، ساڄن ڪولهي فوت

گلاب لغاري واسي 35 ورهين جو ساڄن ڪولهي ٽڏي تي ئي فوت ٿي ويو

ماتلي پوليس ڪار کي ڊرائيور سميت پنهنجي تحويل ۾ وٺي ڇڏيو

موسم جي تبديليءَ جي ڪري مالوند پکيا جانورن کي محفوظ وٿاڻن تي منتقل ڪن: ڊاڪٽر نذير ملاح

واسا ملازمن پاران مطالبن جي مڃتا لاءِ 95 هين ڏينهن به احتجاجي مظاهرو

پگهارون ۽ پينشن نه ملڻ سبب مالي مشڪلاتن کي منهن ڏيڻ تي مجبور آهيون: ملازم

پگهارون ۽ رٽائر ملازمن لاءِ پينشن جي رقم ادا ڪرڻ لاءِ ناهي، جيڪا مزدور دشمني آهي

حيدرآباد (اسٽاف رپورٽر) حيدرآباد جي واسا ملازمن مطالبن جي مڃتا لاءِ ڪالهه 95 ڏينهن حيدرآباد پريس ڪلب سامهون ... احتجاجي مظاهرو ڪيو ...

The largest circulated amongst regional dailies of Pakistan
ABC CERTIFIED
متحده عرب امارات ۾ قيمت 2 درهم - سعودي عرب ۾ 2 ريال
روزاني عبرت
ايڊيٽر انچيف ۽ پبلشر: قاضي اسد عابد
هي اخبار پرنٽر ناصر جمال سومرو پاپولر پرنٽرز مان ڇپرائي عبرت گروپ آف پبليڪيشنز جي تحت عبرت بلڊنگ گاڏي کاتو حيدرآباد مان جاري ڪئي
روزانه عبرت علائقائي اخبارن ۾ باقائده تصديق ٿيل سڀ کان وڌيڪ اشاعت رکندڙ اخبار آهي
Hyd. Ph: 2728703-4, 2728571-2 Fax: 2781879, 2784300 Isld. Ph: 2823277
Khi. Ph: 4538862-3, 2639617 Fax: 4543839-2639492, Lhr. Ph: 7236191
Reach us at www.dailyibrat.com, E-mail: ibratg@yahoo.com, ibrat@hydwol.com.pk

خميس 08 آڪٽوبر 2026ع

پاڻي ورڇ ۾ انصاف ضروري آهي

پاڻي پاڪستان لاءِ رڳو قدرتي وسيلو نه پر ملڪ جي معيشت، زراعت ۽ ماڻهن جي زندگيءَ جو بنيادي سهارو آهي. خاص طور سنڌ لاءِ پاڻيءَ جي اهميت اڃا ٿي وڌيڪ آهي، ڇاڪاڻ ته سنڌ جي تهذيب، تمدن پاڻيءَ سان واڳيل آهي ۽ زراعت جو پڻ دارومدار سنڌو درياهه جي پاڻيءَ تي آهي. اهڙي صورتحال ۾ پاڻيءَ جي ورڇ بابت ٿيندڙ هر فيصلو صوبن جي حقن ۽ 1991ع واري پاڻي ٺاهه جي روح کي سامهون رکي ڪرڻ ضروري آهي. جيڪڏهن پاڻيءَ جي ڪوٽ جي ورڇ بابت ڪو اهڙو طريقو اختيار ڪيو وڃي جنهن تي ڪنهن صوبي کي اعتراض هجي ته ان سان صوبن وچ ۾ اعتماد جو مسئلو پيدا ٿيڻ فطري ڳالهه آهي. ربيع سيزن 27-2026 لاءِ ارسا جي ايڊوائيزري ڪميٽيءَ جي اجلاس ۾ سنڌ ۽ پنجاب لاءِ 22 سيڪڙو پاڻي ڪوٽ جو اعلان ڪيو ويو آهي جڏهن ته بلوچستان ۽ خيبرپختونخوا کي ڪوٽ ۾ حصيدار نه بڻايو ويو آهي. ان سان گڏ ربيع سيزن دوران پاڻي ورڇ لاءِ پيرا ٽو بدران ته رخي فارمولي کي اختيار ڪرڻ جي منظوري ڏني وئي آهي. سنڌ طرفان هن طريقيڪار تي احتجاج ڪيو ويو آهي. پاڻيءَ جي موجودگيءَ جو مجموعي ڪاٿو 29.183 ملين ايڪڙ فوٽ لڳايو ويو آهي، جنهن مان پنجاب کي 15.564، سنڌ کي 11.748، خيبرپختونخوا کي 0.701 ۽ بلوچستان کي 1.171 ملين ايڪڙ فوٽ پاڻي ڏيڻ جي منظوري ڏني وئي آهي. اهي انگ ظاهر ڪن ٿا ته پاڻيءَ جي ڪوٽ واري صورتحال ۾ صوبن جون ضرورتون پوريون ڪرڻ آسان ڪم ناهي. پر اهڙي صورتحال ۾ ئي ورڇ جي اصولن جي اهميت وڌي وڃي ٿي. سنڌ جو اعتراض رڳو پاڻيءَ جي مقدار بابت نه پر ورڇ جي طريقيڪار بابت به آهي. جيڪڏهن صوبن وچ ۾ پاڻي ورهائڻ لاءِ هڪ طئي ٿيل پاڻي ٺاهه موجود آهي ته پوءِ ان ٺاهه جي اصولن کي نظرانداز ڪرڻ بدران ان تي ڳڌيل اتفاق پيدا ڪرڻ گهرجي. پاڻي ٺاهه ڪنهن هڪ صوبي جي مرضيءَ سان نه پر صوبن جي وچ ۾ اتفاق راءِ سان وجود ۾ آيو هو. ان ڪري ان جي تشريح يا پاڻي ورڇ جي طريقيڪار ۾ تبديلي به اهڙي نموني ٿيڻ گهرجي، جنهن تي سمورن صوبن جو اعتماد هجي.

سنڌ لاءِ ربيع سيزن جي پاڻي ڪوٽ انتهائي اهم مسئلو آهي. ربيع ۾ ڪڻڪ سميت ڪيترائي اهم فصل پوکيا وڃن ٿا. جيڪڏهن آبپاشي پاڻي گهربل مقدار ۾ نه ملي ته ان جو اثر رڳو آبادگار تي نه پر سڄي خوراڪ جي نظام تي پئجي سگهي ٿو. ڪڻڪ جي پيداوار گهٽجڻ سان خوراڪ جي ضرورت پوري ڪرڻ لاءِ درآمد تي ڀاڙڻو پئجي سگهي ٿو ۽ ان جو بار آخرڪار عام ماڻهوءَ تي پوي ٿو. موسميات کاتي جي اڳڪٿي به سنڌ لاءِ صورتحال کي وڌيڪ ڳنڀير بڻائي ٿي. ربيع سيزن دوران سنڌ، بلوچستان ۽ هيٺين پنجاب ۾ معمول کان گهٽ برساتن جو امڪان ظاهر ڪيو ويو آهي جڏهن ته مٿين پنجاب ۽ خيبرپختونخوا ۾ معمول کان وڌيڪ برساتن جو امڪان ڏيکاريو ويو آهي. اهڙي صورتحال ۾ سنڌ کي آبپاشي پاڻيءَ جي وڌيڪ ضرورت پئجي سگهي ٿي. تنهنڪري پاڻيءَ جي ورڇ بابت فيصلا رڳو موجوده پاڻيءَ جو مقدار ڏسي نه پر موسمي حالتن ۽ صوبن جي زرعي ضرورتن کي نظر ۾ رکندي ڪرڻ گهرجن. پاڻي صوبن وچ ۾ تڪرار جو سبب بڻجڻ بدران گڏيل قومي وسيلو هجڻ گهرجي. ان لاءِ ارسا کي به پنهنجي فيصلن ۾ وڌيڪ شفافيت، واضح انگن اکرن ۽ صوبن جي اعتماد کي اهميت ڏيڻي پوندي. سنڌ جي اعتراض کي به رڳو صوبائي اختلاف سمجهي نظرانداز ڪرڻ بدران ان جي بنياد ۽ پاڻي ٺاهه جي اصولن جي روشنيءَ ۾ ڏسڻ گهرجي. پاڻيءَ جي ڪوٽ واري وقت ۾ سڀ کان وڌيڪ ضرورت اعتماد جي هوندي آهي. جيڪڏهن صوبن کي اهو يقين هجي ته سندن حصو طئي ٿيل اصولن موجب ۽ شفاف نموني ورهايو پيو وڃي ته ڪوٽ جي باوجود اختلاف گهٽجي سگهن ٿا. پر جيڪڏهن ورڇ جي طريقيڪار تي ئي اختلاف هجي ته پوءِ پاڻيءَ جي ڪوٽ کان وڌيڪ وڏو مسئلو اعتماد جي کوٽ بڻجي سگهي ٿو. تنهنڪري ربيع سيزن لاءِ پاڻي ورڇ بابت سمورن صوبن کي اعتماد ۾ وٺي اهڙو طريقو اختيار ڪرڻ گهرجي، جيڪو پاڻي ٺاهه جي روح سان هم آهنگ هجي.

’سُرتِ نه سُڄاڻن، پاهر پاڏائين گهڻو‘

شاهد ميراڻي

3 آڪٽوبر 2026ع تي حيدرآباد جي هاءِ ڪورٽ آڊيٽوريم هال ۾ هڪ اهم ’آل سنڌ لائيرز ڪنوينشن‘ ڪوٺايو ويو. هن ڪنوينشن جي گڏيل ميزبانيءَ جا فرض هاءِ ڪورٽ بار ايسوسيئيشن (HCBA) حيدرآباد جي صدر اياز حسين تنيو، جنرل سيڪريٽري سيد شهزاد علي شاهه ۽ ڊسٽرڪٽ بار ايسوسيئيشن (DBA) حيدرآباد جي صدر شاڪر نواز شر ۽ جنرل سيڪريٽري عبدالرزاق درس سرانجام ڏنا. ڪنوينشن جو عنوان ’نو مور ويزن آف سنڌ‘ (سنڌ جو وڌيڪ ورهاڱو نامنظور) هو. ان ۾ سنڌو درياهه تي 6 تڪراري ڪينالن جي اڏاوت، لکين ايڪڙ سرڪاري زمين جي الاٽمينٽ ۽ 26هين توڙي 27هين آئيني ترميمن جهڙن اهم معاملن تي غور ڪرڻو هو. اهو ڪنوينشن منهنجي اکين آڏو پنهنجي اصل ۽ اعليٰ قومي ايجنڊا تان مڪمل طور تي هٽي ويو ۽ وڪيل اڳواڻ ان مقدس پليٽ فارم کي سنڌ جي بقا جي بنيادي مسئلن تي بحث ڪرڻ بجاءِ، سنڌ هاءِ ڪورٽ ڪراچي جي ايندڙ اليڪشن ۽ مقامي بارز جي اليڪشن مهم ۽ هڪٻئي خلاف تنقيد جو اکر بڻائي ڇڏيو. ڪنهن به وڏي ڳنڀيرتا جي نظرياتي حيثيت ان جي طئي ٿيل ايجنڊا مان ظاهر ٿيندي آهي. آل سنڌ لائيرز ڪنوينشن جي سڏ تي سڄي سنڌ مان وڪيل ان اميد سان گڏ ٿيا هئا ته هو هڪ مضبوط ۽ گڏيل پيغام ڏيندا. جاري ڪيل پڌرائي ۽ ابتدائي تقريرن موجب وڪيل برادري جو سڀ کان وڏو خدشو سنڌ جي انتظامي يا جاگرافيائي ورهاڱي جي ڪنهن به تجويز کي مڪمل طور تي رد ڪرڻ هو. ان سان گڏوگڏ سنڌو درياهه مان تڪرارڙ نون ڪينالن کي سنڌ جي زراعت، معيشت ۽ بقا تي سنڌو حملو قرار ڏنو ويو ۽ سنڌ جي زمينن کي مقامي ماڻهن کان ڪسي خانگي ڪمپنين کي ڏيڻ خلاف ٿيندڙ اعلان اهم موضوع هئا.

ڪنوينشن ۾ سنڌ بار ڪائونسل سڄي قيادت ۽ سنڌ جي اڪثر ضلعن ۽ تعلقن قيادت به موجود هئي، جن گڏيل طور تي چتاءُ ڏنو ته جيڪڏهن سنڌ خلاف اهي سازشون بند نه ٿيون ته هو پنهنجو احتجاج رڪارڊ ڪرائڻ لاءِ اسلام آباد ڏانهن مارچ ڪندا. روڊن تي تڪري اينڊا ۽ سموري سنڌ ۾ عدالتن جي ڪم ڪار جو اڻڄاڻايل مدي تائين بائيڪاٽ ڪيو ويندو. اهي اعلان بظاهر ڏاڍا پرڪشش ۽ باهمت هئا، جن جو مقصد عوام ۾ اعتماد بحال ڪرڻ هو. پر جڏهن ان ايجنڊا کي پنڊال جي عملي ماحول ۽ اڳواڻن جي سياسي روين جي ڪسوٽي تي پرکيو ويو ته اها دعويٰ بلڪل ڪوکلي محسوس ٿي، ڇاڪاڻ ته اڪثريتي شرڪت ڪندڙن جو اصل مقصد ڪجهه ٻيو هو. پيشورانه تنظيمن جو الميو آهي ته جڏهن انهن جا نمائندا پنهنجي بنيادي پيشي ۽ سماجي ذميواريءَ کان وڌيڪ تنظيمي سياست کي ترجيح ڏيڻ لڳندا آهن ته ادارا پنهنجو اخلاقي جواز وڃائي ويهندا آهن. حيدرآباد جي ان گڏجاڻيءَ ۾ هڪ ڏکوئيندڙ منظر ڏسڻ ۾ آيو. جڏهن سنڌ جي بقا جي نالي تي گهرايل وڪيلن هن پليٽ فارم کي بارن جي ساليانو چونڊ مهم لاءِ استعمال ڪيو. تجزياتي نگاهه وجهڻ سان معلوم ٿئي ٿو ته ڪنوينشن ۾ شامل ٿيندڙ ڪيترائي وفد اصل ۾ پنهنجي اميدوارن جي مهم جا وعدا کڻي آيا هئا. جيتوڻيڪ وڪيلن جي فلاح ۽ بهبود جا اهي نقطا پنهنجي جاءِ تي اهم آهن پر هڪ اهڙي ڪنوينشن ۾، جنهن جو عنوان ’سنڌ جي وحدت ۽ وجود‘ کي لاڳو خطرن خلاف جدوجهد هو. اتي ذاتي تشهير ڪرڻ ان ڳالهه جو ثبوت آهي ته اڳواڻن جي اولين ترجيح پنهنجا مسئلا هئا. اهو رويو ظاهر ڪري ٿو ته سنڌ جا حساس ۽ جذباتي اشوز، جن ۾ درياهه تي تڪراري ڪينال ۽ صوبي جو ورهاڱو شامل آهي، تن کي فقط نوجوان جذباتي وڪيلن کي راغب ڪرڻ ۽ اليڪشن ۾ همدرديون حاصل ڪرڻ لاءِ هڪ ٽول طور استعمال ڪيو پيو وڃي، جيڪا هڪ قسم جي سياسي مفاد پرستي (Political Opportunism) آهي. جڏهن ڪنهن تحريڪ جي قيادت داخلي طور تي ورهايل هجي ته اها رياست جي پاليسين جو ڪڏهن به مقابلو نٿي ڪري سگهي. هڪ طرف حڪمرانن ۽ سياسي پارٽين سان همدردي رکندڙ وڪيل هئا، جيڪي رياستي ادارن تي تنقيد ڪرڻ کان پاسو ڪري رهيا هئا ۽ پنهنجي پاليسين جو دفاع ڪري رهيا هئا. جڏهن ته ٻئي پاسي آزاد خيال وڪيل هئا، جيڪي نه رڳو حڪومتن کي انهن سان لاڳاپيل اڳواڻن کي به سخت تنقيد جو نشانو بڻائي رهيا هئا. ان کان علاوه قيادت جي بالادستي ۽ فيصلي سازي ۾ نظرانداز ڪرڻ جهڙن معاملن تي سرعام اختلاف سامهون آيا. ڪجهه مقررين اڌ سنڌي طرح انهن وڪيلن کي پڻ تنقيد جو نشانو بڻايو جيڪي بارن ۾ ويٺل اڳواڻن جي حڪمن تي هلن ٿا يا سرڪاري قانوني صلاحڪار يا ايڊووڪيٽ جنرل آفيس جي ماتحت ڪم ڪن ٿا، جنهن سان پنڊال ۾ شديد ڇڪتاڻ پيدا ٿي. اهڙي صورتحال نوجوانن، عام ۽ پروفيشنل وڪيلن لاءِ انتهائي مايوس ڪندڙ هئي، جيڪي عدالتن جو بائيڪاٽ ڪري پنهنجي روزگار جو نقصان برداشت ڪري، هڪ اهم ايجنڊا تي اتحاد لاءِ ڪنوينشن ۾ شامل ٿيا هئا. مقامي وڪيلن پاران اهو سوال اٿاريو ويو ته جيڪڏهن قيادت پاڻ ۾ ئي وڙهي رهي هئي ۽ فقط اليڪشن جي سيٽن پٺيان ڊوڙي رهي هئي ته پوءِ اهي سنڌ جي مفادن جو دفاع ڪيئن ڪندا؟

سڀ کان پهرين ڳالهه، ادارتي زوال ۽ تنظيمي ترجيحن جي تبديلي آهي. جڏهن ڪنهن پروفيشنل تنظيم، جهڙوڪ بار ڪائونسل، اندر چونڊن جي عمليت ۽ سياست جا عنصر گهڻا حاوي ٿي وڃن ٿا ته تنظيم پنهنجي اصل نظرياتي، قانوني ۽ سماجي ذميوارين تان هٽي ويندي آهي. هن واقعي مان اهو ثابت ٿي درجي جو نتيجو اخذ ڪري سگهجي ٿو ته وڪيلن جو پنهنجو اليڪشن مهم کي قومي مسئلن تي ترجيح ڏيڻ قيادت جي مرڪزي منتقليءَ کي ظاهر ڪري ٿو يعني اڳواڻن جي اولين ترجيح قانون جي بالادستي ۽ تنظيمي طاقت حاصل ڪرڻ ٿي وئي آهي. نتيجي ۾ مستقبل ۾ جڏهن به وڪيل ڪنهن وڏي آئيني يا عوامي تحريڪ جو سڏ ڏيندا ته سول سوسائٽي ۽ عام عوام ان کي شديد شڪ جي نگاهه سان ڏسندو ته ڇا اها واقعي عوامي تحريڪ آهي يا وري بار جي ايندڙ اليڪشن لاءِ تيار ڪيل ڪو ڊرامو آهي. عوامي اعتماد جو اهو فقدان ڪنهن به سماج جي قانوني جدوجهد لاءِ انتهائي موتمار ثابت ٿي سگهي ٿو. ٻيو اهم پاسو حڪمت عملي جو فقدان ۽ رياستي رڪاوٽن آڏو ظاهر ٿيل ڪمزوري آهي. بار ايسوسيئيشنز جي مختلف تنظيمن وچ ۾ جيڪو کلي عام تڪراءُ ۽ لفظي جنگ ڏٺي وئي، اهو فقط هڪ وقتي جذباتي اُڀار نه هو پر اهو اثر ۽ رسوخ، مالي وسيلن ۽ سياسي پنيرائي جي هڪ ڏکي جنگ جو نتيجو هو. جڏهن اسان وڪيلن جون پنهنجون صفون ٽُٽي ورهايل هجن ۽ هڪٻئي خلاف مورچا بند ٿيل هجن ته اهي سنڌ جي ورهاڱي سامهون ڪا به مزاحمت پيش نٿا ڪري سگهن.

جوگندرناٿ منڊل جي استعيفيٰ جا 76 سال

ڊاڪٽر رميش ڪمار وانڪواڻي

اڄ کان ٺيڪ 76 سال اڳ، يعني 8 آڪٽوبر 1950ع تي، پاڪستان جي پهرين وزيراعظم نوابزاده لياقت علي خان کي پنهنجي ڪابينا جي هڪ وزير جو ڪلڪتي مان استعيفيٰ مليو، جنهن سڀني کي حيران ۽ پريشان ڪري ڇڏيو. اهو وزير جوگندرناٿ منڊل هو، جيڪو تحريڪِ پاڪستان جو وڏو ساٿي، قائداعظم محمد علي جناح جو ويجهو ۽ ڀروسي وارو ساٿي هو. هن 27 صفحن تي ٻڌل پنهنجي ڏکي استعيفيٰ ۾ مشرقي پاڪستان ۾ رهندڙ هندو اقليت سان ٿيندڙ ناانصافين ۽ خراب حالتن جو تفصيل سان ذڪر ڪيو. هن انهن سماجي ناانصافين ۽ ٻين مسئلن بابت به لکيو، جيڪي اڳتي هلي مشرقي پاڪستان جي پاڪستان کان الڳ ٿيڻ جو سبب بڻيا. جيتوڻيڪ وزيراعظم لياقت علي خان کي پنهنجي قانون واري وزير جي استعيفيٰ قبول ڪرڻ ۾ هڪ هفتو لڳي ويو، پر ان دوران ڪجهه سخت سوچ رکندڙ ماڻهن جوگندرناٿ منڊل خلاف زور شور سان پروپيگنڊا شروع ڪري ڇڏي. اهي کيس غدار، ڀڄڻو ۽ بزدل چوڻ لڳا.

مون 5 آڪٽوبر 2017ع تي، جوگندرناٿ منڊل جي 49هين ورسي جي موقعي تي، پنهنجي اخبار واري ڪالم ’جوگندرناٿ منڊل، اسان شرمنده آهيون‘ ۾ تفصيل سان لکيو هو ته منڊل برطانوي راڄ هيٺ ڏکيائين ۾ ڦاٿل هندستان جي مسلمانن سان گڏجي هڪ آزاد ملڪ پاڪستان جو خواب ڏٺو هو. سندس خواهش هئي ته پاڪستان ۾ مسلمان اڪثريت ۾ هجن، پر اهو ملڪ دنيا لاءِ هڪ جديد، ترقي يافته ۽ ڪامياب ملڪ جو مثال بڻجي. هن اهڙي پاڪستان جو تصور ڪيو هو، جتي هر شهري کي مذهب جي فرق کانسواءِ اڳتي وڌڻ ۽ ترقي ڪرڻ جا برابر موقعا ملن. اهڙو آزاد ملڪ، جتي هر ماڻهو امن، سلامتي، برداشت ۽ هڪٻئي کي قبول ڪرڻ واري سوچ کي هٿي ڏئي. سندس نظر ۾ پاڪستان هڪ اهڙي مثالي رياست هئڻ گهرجي ها، جيڪا اسلام جي سونهري اصولن تي هلندي دنيا جي نقشي تي امن ۽ ڀائيچاري جي نشاني بڻجي. اِهو ئي سبب هو جو جوگندرناٿ منڊل، قائداعظم جي سڏ تي پاڪستان جي آزادي واري عظيم مقصد لاءِ پنهنجون سموريون صلاحيتون ۽ توانائيون وقف ڪري ڇڏيون. ڏکي ۽ سخت جدوجهد کانپوءِ جڏهن برصغير جا مسلمان، ڪيترين ئي مشڪلاتن باوجود، پنهنجي لاءِ هڪ آزاد ملڪ حاصل ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿيا ته اُن ڪاميابي ۾ جوگندرناٿ منڊل جهڙن پاڪستان سان محبت ڪندڙ ماڻهن جون قربانيون به شامل هيون. جوگندرناٿ منڊل نه رڳو پاڪستان جو پهريون قانون وارو وزير ۽ ليبر وارو وزير ٿيو، پر هڪ اهڙي پاڪستاني هندو اڳواڻ طور به سامهون آيو، جنهن کي قائداعظم پاڻ پاڪستان ٺهڻ جي شروعاتي ڏينهن ۾ ملڪ جي انتظام ۽ حڪومتي نظام جو اهم حصو بڻايو هو.

11 آگسٽ 1947ع تي دستور ساز اسيمبلي جي افتتاحي اجلاس جي صدارت ڪرڻ جو اعزاز به جوگندرناٿ منڊل کي حاصل ٿيو. اِهو هڪ تاريخي اجلاس هو، جنهن ۾ قائداعظم محمد علي جناح اسيمبلي جو صدر چونڊجي ويو. پر افسوس جي ڳالهه اِها آهي ته اڄ قومي اسيمبلي جي رڪارڊ ۾ جوگندرناٿ منڊل جو نالو پهرين اسپيڪر طور موجود ناهي. ان موقعي تي قائداعظم يقين ڏياريو هو ته پاڪستان ۾ هر شهري کي پنهنجي عبادت واري جاءِ تي وڃڻ جي آزادي هوندي. رياست هر شهري جي جان، مال ۽ مذهبي عقيدن جي حفاظت ڪندي. اهڙي پسمنظر ۾ جوگندرناٿ منڊل، قائداعظم جي چوڻ تي قانون واري وزير جي حيثيت سان، پاڪستان جي آئين ٺاهڻ جي ذميواري سنڀالي. اهو اهڙو ملڪ ٺاهڻ جو خواب هو، جنهن قيام وقت سڀني شهرين کي برابرحق، اقليتن جي حقن ۽ مذهبي آزادي ڏيڻ جو واعدو ڪيو هو. اصول پسند اڳواڻ جي حيثيت سان جوگندرناٿ منڊل جو خيال هو ته ڪنهن به ڪامياب ملڪ لاءِ رڳو خوبصورت سياسي واعدا ڪرڻ ڪافي ناهن. اصل امتحان تڏهن شروع ٿيندو آهي، جڏهن آئين ۾ لکيل اصولن ۽ واعدن کي سرڪاري ادارن، انتظاميا، پوليس، عدالتن ۽ سياسي نظام ذريعي عملي زندگيءَ ۾ لاڳو ڪيو وڃي. پر پاڪستان ٺهڻ کان صرف هڪ سال پوءِ قائداعظم جي وفات سبب جوگندرناٿ منڊل پاڻ کي نئين سياسي نظام ۾ اڪيلو محسوس ڪرڻ لڳو. ان باوجود، غير مسلم اسيمبلي ميمبرن جي سخت خدشن جي باوجود، هن وزيراعظم لياقت علي خان طرفان پيش ڪيل قراردادِ مقاصد جي حمايت ڪئي پر پوءِ کيس اُن فيصلي جو نقصان ڀنهي پاسن کان برداشت ڪرڻو پيو. ملڪ جون حالتون آهستي آهستي اهڙيون خراب ٿينديون ويون، جو پاڪستان ٺهڻ کان صرف ٽن سالن بعد جوگندرناٿ منڊل کي نه رڳو پنهنجي وزارت تان استعيفيٰ ڏيڻي پئي، پر کيس پنهنجو وطن پاڪستان به هميشه لاءِ ڇڏڻو پيو.

اڄ جڏهن آئون جوگندرناٿ منڊل جي استعيفيٰ کي پڙهان ٿو ته مون کي اِئين محسوس ٿئي ٿو ته منڊل پنهنجي قرباني ڏئي اسان کي اِهو سمجهائڻ چاهيو ته ڪنهن به رياست جي اصل طاقت اُن جي شهرين جو اعتماد هوندو آهي جيڪڏهن ڪنهن شهريءَ کي اِهو محسوس ٿيڻ لڳي ته قانون هن لاءِ ٻين ماڻهن کان مختلف آهي ته پوءِ رياست ۽ شهري جي وچ ۾ اعتماد جو رشتو ڪمزور ٿي وڃي ٿو. جوگندرناٿ منڊل جي استعيفيٰ مان ٻيو وڏو سبق اِهو ملي ٿو ته ڪنهن اقليت جي اڳواڻ کي صرف وزير بڻائڻ يا پارليامينٽ ۾ جاءِ ڏيڻ ئي ڪافي ناهي. اصل ڳالهه اِها آهي ته اُن اڳواڻ کي پنهنجي برادري جي حقن لاءِ آئين مطابق حقيقي طور آواز اٿارڻ ۽ انهن جي حفاظت ڪرڻ جو موقعو به ملڻ گهرجي. منڊل رڳو ڏيکاءَ لاءِ رکيل ماڻهو بڻجڻ نه ٿي چاهيو. هُو چاهيندو هو ته پنهنجي برادري جي حقن جو حقيقي دفاع ڪري سگهي. ٽيون سبق سياسي اڳواڻن لاءِ آهي ته مضبوط ملڪ جي نشاني اِها آهي ته آئين ۽ قانون کي وقت جي سياسي فائدي يا مجبوري کان مٿي رکيو وڃي ساڳئي طرح اسان جي سرڪاري آفيسرن ۽ بيوروڪريسي کي به سمجهڻ گهرجي ته ڪو سرڪاري آفيسر ڪنهن هڪ ماڻهو، خاندان يا سياسي پارٽي جو نوڪر ناهي. هو رياست ۽ عوام جو خادم آهي. سندس وفاداري صرف آئين، قانون ۽ رياستي ادارن سان هجڻ گهرجي. پاڪستان سان محبت ۽ وفاداري جو معيار ڪنهن شهري جو مذهب يا مذهبي سڃاڻپ نه هجڻ گهرجي. اصل معيار اِهو هجڻ گهرجي ته هُو ملڪ سان ڪيترو وفادار آهي. قانون جي ڪيتري پابندي ڪري ٿو ۽ ملڪ جي قومي نظام ۾ ڪيتري پرپور طريقي سان حصو وٺي ٿو.

جوگندرناٿ منڊل صرف ٽن سالن اندر ئي مايوس ٿي پاڪستان ڇڏي ويو. ان کانپوءِ هن پنهنجي باقي زندگي انتهائي ڏکي ۽ غربت واري حالت ۾، جهوپڙين ۾ گذاري. پر اڄ 76 سال گذري وڃڻ باوجود، هر سال 8 آڪٽوبر تي جوگندرناٿ منڊل جي استعيفيٰ اسان جي پارليامينٽ جي ايوانن اڳيان هڪ اهم سوال ضرور بيهاري ٿي: ڇا شهرين جا حق رڳو آئين جي ڪتاب ۾ لکيل هجڻ گهرجن، يا انهن حقن جو عملي طور تي رياستي ادارن جي روزاني فيصلن ۾ به نظر اچڻ ضروري آهي؟ منهنجي خيال ۾ اسان کي جوگندرناٿ منڊل کي رڳو ماضيءَ جو هڪ تڪراري ڪردار سمجهي پنهنجي تاريخ کان منهن نه موڙڻ گهرجي. ان جي بدران اسان کي پنهنجو احتساب ڪرڻ گهرجي ۽ پاڻ کان پڇڻ گهرجي ته اسان پنهنجي آئين، پنهنجي قانون ۽ قائداعظم طرفان پاڪستان جي سڀني شهرين، خاص طور تي محب وطن اقليتن سان ڪيل واعدن تي ڪيترو عمل ڪري رهيا آهيون؟

خيرپور رياست جي آخري حڪمران مير علي مراد خان ٽالپر ثانيءَ جو وڇوڙو

رميش راجا

اڳوڻي رياست خيرپور جي آخري حڪمران هز هائينس مير جارج علي مراد خان ٽالپر ثاني جو 5 آڪٽوبر 2026ع جي شام سکر جي هڪ خانگي اسپتال ۾ 93 ورهين جي ڄمار ۾ لاڏاڻو ٿيو آهي جيڪو صرف هڪ اڳوڻي حڪمران جي زندگيءَ جي پڄاڻي ناهي پر سنڌ جي رياستي تاريخ سان ڳنڍيل آخري زنده ڪڙين مان هڪ جي موڪلائي پڻ آهي. مير صاحب پنهنجي پٺيان ٻه پٽ، پرنس مير عباس رضا خان ٽالپر ۽ پرنس مير مهدي رضا خان ٽالپر ۽ ٻيائي زهره ٽالپر سميت خاندان، مائٽ، دوست ۽ ڪيترائي چاهيندڙ ڇڏي ويو آهي. هو 29 جون 1933ع تي برائٽن، انگلينڊ ۾ ڄائو ۽ سندس تعليم برصغير توڙي برطانيا جي تعليمي ماحول سان لاڳاپيل رهي. سندس زندگيءَ جا آخري ڏهاڪا خيرپور ۽ اتي جي ٽالپر خاندان جي تاريخي ورثي، خاص ڪري فيض محل سان ڳنڍيل رهيا. خيرپور جي هن آخري مير کي سمجهڻ لاءِ ان رياست جي تاريخ ڏانهن موٽڻو پوندو، جنهن جو بنياد 1783ع ۾ مير سهراب خان ٽالپر وٺو ٽالپرن جي سهرابائي شاخ جي هن رياست تي ترتيبوار مير سهراب خان ٽالپر، مير رستم علي خان ٽالپر، مير علي مراد خان ٽالپر پهريون، مير فيض محمد خان ٽالپر پهريون، مير امام بخش خان ٽالپر، مير علي نواز خان ٽالپر ”ناز“، مير فيض محمد خان ٽالپر ثاني ۽ آخر ۾ مير جارج علي مراد خان ٽالپر ثاني حڪمران ٿيا. تاريخي ذريعا انهن 8 حڪمرانن جي دورن جي ڪِن شروعاتي تاريخن بابت ٿورو اختلاف رکن ٿا پر حڪمرانن جو اهو سلسلو مجموعي طور تسليم ٿيل آهي. سنڌ جي تاريخ ۾ خيرپور جي حيثيت ان ڪري به منفرد رهي جو 1843ع ۾ سنڌ جي وڏي حصي تي انگريزن جي قبضي کانپوءِ به خيرپور پنهنجي نوابي رياست واري حيثيت برقرار رکي برطانوي بالادستيءَ هيٺ هجڻ باوجود ان جو پنهنجو حڪمران، انتظامي ڍانچو ۽ مقامي ادارا موجود رهيا. رياست انتظامي طور تي مختلف تعلقن ۾ ورهايل هئي ۽ گمبٽ به خيرپور رياست جي انتظامي جوڙجڪ جو هڪ اهم تعلقو هو.

خيرپور جي ميرن جي حڪمرانيءَ کي رڳو محلن، شاهي درٻارن ۽ سياسي اختيار تائين محدود ڪري ڏسڻ ان دور جي اڌوري تصوير ڏيندي. سندن دور جو هڪ اهم پاسو تعليم جي سرپرستي هو. مير امام بخش خان جي زماني تائين رياست ۾ 98 کان وڌيڪ اسڪولن جو ذڪر ملي ٿو، جتي تعليم مفت هئي، شاگردن لاءِ ڪاٽي، رهائش ۽ بورڊنگ جون سهولتون پڻ فراهم ڪيون وينديون هيون. 20هين صديءَ جي شروعات ۾ اهڙي ننڍڙي رياست لاءِ اها هڪ قابل ذڪر سماجي سيڙپڪاري هئي. تعليم کي رڳو پڙهڻ ۽ لکڻ تائين محدود نه رکيو ويو. اسڪولن ۾ سائنس، ادب، اخلاقي تربيت ۽ جسماني سرگرمين تي به ڌيان ڏنو ويندو هو. ڪيترن ئي تعليمي ادارن اڳيان باغ ۽ راندين جا ميدان رکيا ويا ۽ ڪِن وٽ ڪرڪيٽ جا ميدان پڻ هئا. خيرپور رياست جا حڪمران علي ڳڙهه سميت برصغير جي ٻين تعليمي تحريڪن ۽ ادارن جي مالي مدد ڪندا رهيا. تاريخي حوالن مان اهو به معلوم ٿئي ٿو ته خيرپور جا مير مذهبي مدرسن سان گڏ سنڌي ۽ انگريزي تعليم کي به هٿي ڏيندا هئا. ان تعليمي ورثي جو هڪ نمايان نالو مير علي نواز خان ٽالپر ”ناز“ آهي جيڪو 1921ع کان 1935ع تائين خيرپور جو حڪمران رهيو. هو پاڻ شاعر هو ۽ سندس شاعريءَ جا مجموعا پڻ ڇپيا. سندس نالي سان قائم ناز هاءِ اسڪول خيرپور جي اهم تعليمي ادارن مان هڪ بڻيو. سندس شخصيت ۾ حڪمران، شاعر ۽ فن دوست سرپرست جا پاسا گڏ نظر اچن ٿا. خيرپور جي درٻار ۾ موسيقي، ادبي ڪچهرين ۽ فنونِ لطيفه کي به جوڳي جاءِ حاصل هئي. سنڌي سماج ۾ شاعري ۽ موسيقي هميشه وندر نه رهي پر اها تاريخ، عشق، تصوف، سماجي قدرن ۽ ماڻهن جي گڏيل احساسن جو اظهار رهي آهي. مير علي نواز ”ناز“ جي شاعريءَ سان وابستگي انهيءَ روايت کي درٻاري سطح تي به هٿي ڏني. شاعرن، راڳيِن، سازندن ۽ ٻين اهلِ فن لاءِ سرپرستي اهڙي ماحول کي جنم ڏنو، جنهن ۾ فن ۽ ادب رياستي زندگيءَ جو حصو بڻيا. ٽالپر دور جو اڏاوتي ورثو به خيرپور جي سڃاڻپ جو اهم حصو آهي. فيض محل، ڪوٽڏيجي جو قلعو ۽ ٻيون تاريخي عمارتون ان دور جي فني ذوق، ڪاريگري ۽ طرزِ تعمير جون شاهديون ڏين ٿيون. فيض محل اڄ به خيرپور جي شاهي ماضيءَ جي سڀ کان نمايان نشانين مان هڪ آهي پر ان جي اهميت رڳو هڪ محل هجڻ ۾ ناهي اهو ان سماجي ۽ ثقافتي دنيا جو شاهد پڻ آهي جيڪا ڪڏهن خيرپور رياست جي چوڌاري آباد هئي.

خيرپور جي معيشت جو بنياد زراعت ۽ پاڻي هو. سنڌو درياهه، مقامي آبپاشي ڪُوهه ۽ پوءِ جديد واهن جي نظام هن علائقي جي زرعي معيشت کي مضبوط ڪيو. رياست جي وڏي آباديءَ جو گذر سفر زراعت تي هو. جڏهن ته کجيون، ڪڻڪ، ڪپهه ۽ ٻيون زرعي پيداوارون مقامي معيشت جو اهم حصو هيون. 1931ع جي انگن اکرن موجب رياستي آباديءَ زراعت سان وابسته هئي. حڪمرانيءَ جي معيار کي ڏسندي عوامي ڀلائي، تعليم، معاشي ترقي ۽ انصاف کي به خيرپور جي ٽالپر دور بابت ٿيندڙ تحقيق ۾ نمايان ڪيو ويو آهي. مير جارج علي مراد خان ثاني برطانيا ۽ جرمنيءَ جو دورو ڪري، مشينري حاصل ڪئي، جنهن سان ايشيا جي ان وقت جي سڀ کان وڏي ڪپڙي جو ڪارخانو ”خيرپور ٽيڪسٽائيل مل“ جو قيام عمل ۾ آيو. هن جرمنيءَ مان برصغير جي سڀ کان وڏي ٽماڪ کي ڀيهر سُڪائڻ واري ڪارخاني لاءِ پڻ مشينري حاصل ڪئي. هن خيرپور ۾ عورتن لاءِ هڪ صنعتي تربيت گاهه قائم ڪيو. جنهن جي اڳوائيءَ لاءِ هڪ جرمن عورت کي مقرر ڪيو ويو. ان سان گڏ هڪ صنعتي زون پڻ قائم ڪيو ويو. جنهن جي نتيجي ۾ علائقي ۾ وڏي معاشي ترقي ٿي. پرائيٽ سرڪاري بسن جي جاءِ تي جديد بسون هلائڻ جو مقصد عوام کي بهتر سفري سهولتون فراهم ڪرڻ هو. رياست جي پاڪستان ۾ شامل ٿيڻ کانپوءِ سندس خريد ڪيل وڌيڪ اهڙيون جديد بسون لاهور ۽ راولپنڊي موڪليون ويون هيون. سندس حڪمرانيءَ دوران 1949ع ۾ سندس رياست ۾ بالغ راءِ دهيءَ (Universal Suffrage) جو نظام متعارف ڪرايو ويو. سندس رياست ۾ ٿيل چونڊون ننڍي کنڊ هندستان ۾ ان نوعيت جون پهريون چونڊون هيون. خيرپور جي ثقافتي زندگيءَ ۾ راندين جو به پنهنجو مقام هو. ملهه يا ملاکڙو انهن مان سڀ کان وڌيڪ سنڌي سڃاڻپ رکندڙ راند هئي. ملهه رڳو جسماني زور آزمائي نه پر همت، هٿر ضبط، عزت ۽ نيڪ نامي جو مقابلو هو. ناميارن پهلوانن کي سماج ۾ وڏي عزت ملندي هئي ۽ حڪمران توڙي بااثر خاندان سندن همت افزائي ڪندا هئا. ان سان گڏ گهوڙي سواري، شڪار، نشاني بازي ۽ ٻيون روايتي سرگرميون به ان دور جي سماجي زندگيءَ جو حصو هيون. اهم ڳالهه اها ته منهنجي خاندان جو پڻ ملهه سان تعلق رهيو آهي منهنجو ڏاڏو لڌا رام پنهوار خيرپور رياست جي دور جو هڪ ناميارو ملهه پهلوان هو. سندس وسيلي اسان جي خاندان جو رشتو ان رياست جي عوامي، راندين ۽ ثقافتي زندگيءَ سان جڙيل رهيو. منهنجي خاندان جو خيرپور رياست سان ٻيو اهم رشتو گمبٽ شهر ۽ تعليم وسيلي جڙيو. گمبٽ، جيڪو پاڻ پراڻي خيرپور رياست جو اهم حصو هو. اتي موجود مراد هاءِ اسڪول منهنجي لاءِ ڪنهن عام تاريخي عمارت جو نالو ناهي. اسڪول سان لاڳاپيل مقامي تاريخي رڪارڊ موجب ان تاريخي بوائز اسڪول جو بنياد حصو 4 اپريل 1947ع تي هز هائينس مير علي مراد خان ٽالپر ٺهرايو هو (اڳتي هلي اهو ادارو مراد هاءِ اسڪول جي نالي سان مشهور ٿيو).

5 آڪٽوبر 2026ع تي سندس وفات سان خيرپور جي شاهي دور جي آخري زنده علامتن مان هڪ اسان کان موڪلائي وئي آهي پر رياست جو تاريخي جائزو وٺندي هڪ ڳالهه واضح ٿئي ٿي ته سياسي اقتدار جي عمر محدود هوندي آهي جڏهن ته علم، ثقافت ۽ عوامي خدمت جا اثر گهڻي دير تائين هلندا آهن 1783ع ۾ مير سهراب خان ٽالپر کان شروع ٿيل هڪ رياست 1955ع ۾ 172 سالن جي رياست سياسي طور ختم ٿي وئي ۽ هاڻي ان جو آخري مير (اڳوڻو بادشاهه) به موڪلائي ويو آهي پر ڪنهن به حڪمرانيءَ جو بهترين يادگار اهو ناهي ته ان جو تخت ڪيترو شاندار هو، اصل سوال اهو آهي ته ان پنهنجي ماڻهن لاءِ ڇا ڪيو؟ ان سوال جو جواب خيرپور ۾ موجود تعليم، ثقافت، زراعت، فن ۽ عوامي ادارا آهن الوداع هز هائينس مير جارج علي مراد خان ٽالپر ثاني خيرپور جي آخري مير کي آخري سلام!

سنڌ ۾ زرعي جدت ۾ واٽر ڪورسز جي اهميت!

رحمت الله ٻرڙو

جديد دنيا موسمياتي تبديلين، پاڻيءَ جي کوٽ ۽ زرعي ضرورتن کي نظر ۾ رکندي زراعت ۾ نون طريقن ۽ ٽيڪنالاجيءَ جي استعمال ڏانهن تيزيءَ سان وڌي رهي آهي موسمي تبديلي سبب ڪٿي برسات ۾ گهٽتائي ته ڪٿي اوچتو ۽ غيرمعمولي برساتن جا واقعا سامهون اچي رهيا آهن جنهن سان زرعي، معاشي ۽ سماجي زندگي متاثر ٿي رهي آهي اهڙي صورتحال ۾ پاڻيءَ جي هر ڦڙي کي محفوظ ڪرڻ ۽ ان جو موثر استعمال زراعت لاءِ بنيادي ضرورت بڻجي چڪو آهي سنڌ ۾ آن فارم واٽر مئنيجمينٽ (OFWM) ونگ، جيڪو زراعت کاتي جو حصو آهي زرعي پاڻيءَ جي بهتر استعمال، پاڻيءَ جي ضايع ٿيڻ کي گهٽائڻ ۽ آبادگارن تائين پاڻيءَ جي مناسب رسائي يقيني بڻائڻ لاءِ ڏکهي عرصي کان ڪم ڪري رهيو آهي دستياب معلومات موجب سنڌ ۾ آن فارم واٽر مئنيجمينٽ جو پروگرام 78-1977ع ڌاري متعارف ٿيو، جنهن کي مختلف مرحلن تي يو ايس ايڊ، ايشيائي ترقياتي بئنڪ، ورلڊ بئنڪ ۽ سنڌ حڪومت جي ترقياتي پروگرام مان مالي ۽ فني سهڪار حاصل ٿيندو رهيو آهي.

هن پروگرام جو بنيادي مقصد زرعي پاڻيءَ کي محفوظ ڪرڻ پاڻيءَ جي منصفاڻي ۽ موثر ورڇ، فصلن جي پيداوار وڌائڻ ۽ آبادگارن کي جديد آبپاشي طريقن بابت آگاهي ڏيڻ آهي ڪليل ۽ غير پڪا واٽر ڪورسز مان پاڻيءَ جي وڏي مقدار ضايع ٿيڻ سبب واٽر ڪورسز جي لائيننگ کي خاص اهميت ڏني وئي، جنهن سان پاڻيءَ جي وهڪري ۾ بهتري، نقصان ۾ گهٽتائي ۽ فصلن تائين وقت سِر پاڻي پهچائڻ جا مقصد حاصل ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي وئي ان سان گڏ آبادگارن کي ليزر لينڊ ليولنگ، ڊرپ ۽ اسپرنڪلر ايريگيشن جهڙين جديد ٽيڪنالاجين بابت تربيت ڏيڻ واٽر ڪورس ايسوسيئيشنز قائم ڪرڻ ۽ مقامي آبادگارن کي پنهنجي واٽر ڪورسز جي سار سنڀال ۾ شامل ڪرڻ به پروگرام جو اهم حصو رهيو آهي دستياب انگن اکرن موجب سنڌ ۾ 46 هزار کان وڌيڪ واٽر ڪورسز موجود آهن جن مان لڳ ڀڳ 30 هزار واٽر ڪورسز کي مختلف منصوبن، خاص طور نيشنل پروگرام فار امپرووومينٽ آف واٽر ڪورسز (NPIW) ۽ On-Farm Water Management Project تحت بهتر يا لائينڊ ڪيو ويو آهي دعويٰ ڪئي وڃي ٿي ته واٽر ڪورسز جي بهتريءَ سان پاڻيءَ جي ضايع ٿيڻ ۾ نمايان گهٽتائي آئي ۽ ڪجهه علائقن ۾ ڪمانڊ ايريا جي پوکيءَ ۾ 7 کان 8 سيڪڙو تائين واڌ رڪارڊ ڪئي وئي NPIW جي هڪ مرحلي دوران 07-2006ع ۾ صوبائي سطح تي 2 هزار 8 سؤ 42 واٽر ڪورسز جي لائيننگ جو هدف رکيو ويو، جڏهن ته وڌيڪ 2 هزار 7 سؤ 20 واٽر ڪورسز تي ڪم جاري رکڻ جا انگ اکر پڻ سامهون آيو اهو ڪم سنڌ جي 23 ضلعن ۾ ڪيو ويو مثال طور بدين ۾ 6 سؤ واٽر ڪورسز جو هدف رکيو ويو، حيدرآباد ۾ 70، ٽنڊوالهيار ۾ 1 سؤ 80 ۽ شڪارپور ۾ 3 سؤ واٽر ڪورسز سان لاڳاپيل ڪم جا انگ اکر ڏنا ويا آهن جڏهن ته گهوٽڪي ۾ 4 سؤ 55 واٽر ڪورسز جو هدف رکيو ويو انهن منصوبن جو بنيادي مقصد پاڻي جي نقصان کي گهٽائڻ زمين تائين پاڻيءَ جي پهچ بهتر ڪرڻ ۽ آبادگارن کي آبپاشي جي جديد طريقن سان جوڙڻ هو.

واٽر ڪورسز بابت سوشل ميڊيا تي گردش ڪندڙ مختلف دعوائن ۽ خبرن جي حوالي سان ڊائريڪٽر جنرل آن فارم واٽر مئنيجمينٽ سيد نديم شاهه جو چوڻ آهي ته کاتو سنڌ حڪومت جي پاليسي ۽ آن فارم واٽر مئنيجمينٽ جي مقصدن موجب ڪم ڪري رهيو آهي سندس موجب هي پروگرام 1977ع کان جاري آهي ۽ واٽر ڪورسز جي بهتري ۾ ڳوٺائن ۽ آبادگارن جو سهڪار اهم رهيو آهي زرعي پاڻي جي وڌندڙ ضرورتن ۽ موسمياتي تبديلين جي موجوده دور ۾ سنڌ لاءِ اصل چئلينج رڳو وڌيڪ پاڻي حاصل ڪرڻ نه پر موجود پاڻي کي محفوظ، منظم ۽ جديد طريقي سان استعمال ڪرڻ آهي.

اڄوڪو ڏينهن ..... 08 آڪٽوبر

خانڻ جنجڻي

اڄ جو ڏينهن سنڌ جي قادرالڪلام شاعر ۽ سگهڙ مرحوم حاجي خانڻ جنجڻيءَ جي جنم جو ڏينهن آهي هي املهه انسان ضلعي قمبر شهدادڪوٽ جي شهر نصيرآباد ويجهو ڳوٺ مياڻداد جنجڻيءَ ۾ 8 آڪٽوبر 1831ع تي پيدا ٿيو سندس پورو نالو حاجي خان محمد ۽ والد جو نالو مياڻ دوست محمد خان هو. فارسيءَ جي تعليم پنهنجي ئي ڳوٺ ۾ مولانا نور محمد ميمڻ ۽ مولانا غلام صديق شهدادڪوٽيءَ کان حاصل ڪيائين والد جي وفات سبب وڌيڪ تعليم لاءِ ڳوٺ کان ٻاهر پڙهي نه سگهيو هو پنهنجي ڳوٺ جو چڱو مڙس هو ۽ راڳ رنگ، شعرو شاعريءَ ۽ ڪچهرين جو ڪوڏيو هو پنهنجي دور جو هڪ سٺو شاعر هو خاص طور تي ڪافيءَ جي صنف تي خاص ملڪو حاصل هئس سندس ڪلام مشهور محقق عبدالڪريم سنديلي ”ڪليات حاجي خانڻ جنجڻي“ جي نالي سان سنڌي ادبي بورڊ مان 1986ع ۾ ڇپائي پڌرو ڪيو حاجي خانڻ جنجڻيءَ 2 جنوري 1907ع تي وفات ڪئي.

عبدالڪريم اداسي

هن بزرگ شاعر جو جنم 8 آڪٽوبر 1918ع تي ڳوٺ پيچوهه، تعلقي وارهه ضلعي قمبر شهدادڪوٽ ۾ ٿيو هن جو پورو نالو عبدالڪريم ولد غلام رسول پيچوهو هو هن کي سنڌي ۽ فارسي ٻولين تي عبور حاصل هو. عملي زندگيءَ جي شروعات پرائمري اسڪول جي استاد طور ڪيائين ۽ 1976ع ۾ هيڊماستر طور رٽائر ٿيو هن 1975ع ۾ حج جي سعادت به حاصل ڪئي هو هڪ پلوڙ شاعر هو شاعريءَ ۾ ”اداسي“ تخلص استعمال ڪندو هو سندس ٻُر جا ماڻهو کيس ”سائين اداسي“ سڏيندا هئا سندس غزل خاص طور تي مشهور هئا هن بزرگ شاعر 19 سيپٽمبر 1986ع تي دم ڌُڻيءَ حوالي ڪيو.

شفيع محمد سولنگي

شفيع محمد سولنگي دادو ضلعي جو مشهور تعليمي ماهر ۽ ليکڪ هو هن جو جنم 8 آڪٽوبر 1920ع تي دادو شهر ۾ ٿيو سنڌي فائنل تائين تعليم دادوءَ مان حاصل ڪيائين ان بعد 1952ع ۾ اديب فاضل جو امتحان پاس ڪيائين عملي حياتيءَ جي شروعات پرائمري اسڪول جي استاد طور ڪيائين ۽ سڄي عمر قوم جي نونهالن کي علم جي روشنيءَ سان منور ڪيائين هو هڪ سٺو ليکڪ پڻ هو ۽ سندس ڪهاڻيون مضمون ۽ ڪالم مختلف اخبارن ۽ رسالن ۾ ڇپجي پڌرا ٿيا خاص طور تي مضمون نگاريءَ ۾ پنهنجو مٽ پاڻ هو هو ادبي تنظيم ”بزم غالب ملڪاڻي“ جو صدر پڻ رهيو هن 2 فيبروري 2011ع تي دادوءَ ۾ پنهنجي حياتيءَ جو سفر پورو ڪيو.

جسٽس عبدالرزاق ٿهيم

هن نامياري قانوندان ۽ سياستدان جو جنم اڄوڪي ڏينهن تي 1927ع ۾ جيڪب آباد ضلعي جي ڳوٺ شيرانپور ۾ ٿيو ياد رهي ته انگريزي وڪيپيڊيا ۾

سندس جنم جي تاريخ 8 آڪٽوبر بجاءِ 18 آڪٽوبر ڄاڻايل آهي ڪراچي يونيورسٽيءَ مان بي اي، ايل ايل بي ۽ ايم اي (سنڌي) جون سندون حاصل ڪيائين عملي زندگيءَ جي شروعات هڪ وڪيل جي حيثيت ۾ ڪيائين 1961ع کان 1970ع تائين يونين ڪائونسل محمودپور ۽ ضلعي ڪائونسل جيڪب آباد جي ميمبر طور خدمتون سرانجام ڏنائين پاڻ ڊسٽرڪٽ بار ايسوسيئيشن جيڪب آباد جو پهريائين سيڪريٽري ۽ پوءِ صدر رهيو ان کان علاوه سنڌ ۽ بلوچستان بار ڪائونسل جي وائيس چيئرمين هئڻ جو اعزاز پڻ حاصل ڪيائين 1981ع کان 1983ع تائين جنرل ضياءالحق پاران نهيل مجلس شوريٰ جو ميمبر ۽ ڊپٽي چيئرمين رهيو 1983ع ۾ سنڌ هاءِ ڪورٽ جو جج مقرر ٿيو ۽ 1989ع ۾ رٽائر ٿيو رٽائر ٿيڻ کان پوءِ به اهم عهدن تي فائز رهيو جن ۾ وفاقي شرعي عدالت جو جج، وفاقي محتسب جو صلاحڪار، فيڊرل سروسز ٽريبيونل جو چيئرمين ۽ ٻين عهدن تي فائز رهيو هو 2 ڀيرا پاڪستان جي سينيٽ جو ميمبر ۽ 2004ع کان 2007ع تائين بلديات ۽ ڳوٺائي ترقيءَ جو وفاقي وزير پڻ رهيو هن پهرين سيپٽمبر 2010ع تي وفات ڪئي.

منصور ويراڳي



اڄ سنڌ جي قادرالڪلام شاعر ۽ اديب مرحوم منصور ويراڳيءَ جي جنم جو ڏينهن آهي هن نامياري انسان 8 آڪٽوبر 1930ع تي جامشوري ضلعي جي شهر مانجهند ۾ اکيون کوليون سندس والد جان محمد اضعف ابڙو پنهنجي دور جو هڪ مشهور شاعر هو منصور ويراڳيءَ جو اصل نالو عبدالرئوف ابڙو هو جوانيءَ ۾ پاڻ کي منصور سنڌي سڏائيندو هو پر پوءِ منصور ويراڳيءَ جي نالي سان مشهور ٿيو جيتوڻيڪ هن جو جنم مانجهند ۾ ٿيو پر لڙڪپڻ سموري حياتي حالا نوان ۾ گذاريائين هن هالا ۾ ادبي سرگرمين کي هٿي وٺرائڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو هن ڪيترين ئي ادبي تنظيمن جو بنياد رکيو جن ۾ ”بزم رفيق“، ”سنيلاسي ادبي سنگت“ ۽ ”انٽرنيشنل اڪيڊمي هالا“ شامل آهن انهن ادبي تنظيمن جي پليٽفارم تان هن ڪيترائي ادبي پروگرام منعقد ڪرايا ۽ ڪيترائي ڪتاب ڇپرايا هن جي ادبي پورهئي ۾ ٽيهارو کن ڪتاب شامل آهن هن 15 فيبروري 2008ع تي دم ڌُڻيءَ حوالي ڪيو سنڌيانا انسائيڪلوپيڊيا ۾ هن جي وفات جي تاريخ 15 بجاءِ 13 فيبروري لکيل آهي.

روشن سنڌر چانڊيو

اڄ مشهور اديب ۽ صحافي روشن سنڌر چانڊيو پنهنجي سالگرهه ملهائي رهيو آهي هن جو پورو نالو

مختيار اڻڙ

روشن علي ولد نصير محمد چانڊيو آهي سنڌيانا انسائيڪلوپيڊيا مطابق هو 8 آڪٽوبر 1962ع تي تعلقي قمبر جي ڳوٺ ٻوهڙ ۾ ڄائو جڏهن ته گُل ڪونئر ”ڪاوش مئگزين“ جي 5 آڪٽوبر 2025ع واري شماري ۾ هن جو جنم 8 سيپٽمبر 1962ع تي ڳوٺ نصير محمد چانڊيي ۾ ڄاڻايو آهي ابتدائي تعليم قمبر شهر ۾ حاصل ڪيائين ٻارهين ڪلاس جو امتحان سچل سرمست ڪاليج حيدرآباد مان پاس ڪرڻ کان پوءِ سنڌ يونيورسٽيءَ مان ايم اي (اڪنامڪس) جي سند حاصل ڪيائين سنڌ لا ڪاليج حيدرآباد مان ايل ايل بي جي ڊگري پڻ حاصل ڪيائين هن پنهنجي صحافتي سفر جي شروعات مختلف اخبارن جي رپورٽر طور ڪئي

اڳتي هلي چيف رپورٽر ۽ اعزازي ايڊيٽر طور پڻ ڪم ڪيائين ادبي دنيا ۾ به ڄڳو پاڻ ملهايو اٿس هو سنڌر تخلص سان شاعري ڪري رهيو آهي ۽ ڳلوڪڊ ڪيترائي ڪلام ۽ ڪهاڻيون به پنن تي پوئي چڪو آهي سندس ڇپيل ڪتابن ۾ ”ذات ۽ ڏنگ“ (شاعري)، ”مان زندهه رهندس“ (ڪرشن چندر جي ڪهاڻين جو ترجمو)، ”چورن مٿان مور“ (ڪلم) ۽ ”ٽئين لاٽ“ شامل آهن هو ريڊيو پاڪستان حيدرآباد جي پروگرامن ۾ به شرڪت ڪندو رهيو آهي.

شازيه مري

اڄ مشهور سياستدان شازيه مريءَ جي سالگرهه جو ڏينهن آهي هن جو جنم 8 آڪٽوبر 1972ع تي ڪراچيءَ ۾ ٿيو هن جو والد عطا محمد مري به هڪ مشهور سياستدان هو جيڪو سنڌ اسيمبليءَ جو ڊپٽي اسپيڪر پڻ رهيو هن جي والده پروين مري به سنڌ اسيمبليءَ جي ميمبر رهي شازيه 2002ع ۾ پهريون ڀيرو سنڌ اسيمبليءَ جي ميمبر چونڊجي آئي هن توانائيءَ جي صوبائي وزير طور ڪم ڪيو 2008ع ۾ ٻيهر سنڌ اسيمبليءَ جي ميمبر منتخب ٿي ۽ 2008ع کان 2010ع تائين سنڌ جي اطلاعات واري وزارت سنڌس هٿ هيٺ رهي 2013ع، 2018ع ۽ 2024ع وارين عام چونڊن ۾ قومي اسيمبليءَ جون سيٽون کٽيائين هن جو شمار پاڪستان پيپلز پارٽيءَ جي انتهائي اهم عهديدارن ۾ ٿئي ٿو.

خطائي ٽيبو

اڄ مشهور شاعر ۽ اديب خطائي ٽيبي جي جنم جو ڏينهن آهي هي نليولو ساهتڪار 8 آڪٽوبر 1975ع تي ساماري روڊ شهر ۾ ڄائو سندس اصل نالو ڄاڙو خان ٽيبو آهي هن ايم اي، ايم ايڊ ۽ ايل ايل بي جون سندون حاصل ڪيون عملي زندگيءَ جي شروعات عمرڪوٽ ٽائون ڪميٽيءَ ۾ ڪلارڪ طور ڪيائين

هن جي شاعري ۽ ڪلم سنڌ جي اخبارن ۽ رسالن ۾ ڇپجندا رهن ٿا هو سنڌي ادبي سنگت جو سرگرم ڪارڪن آهي سنڌي ادبي سنگت ساماري جو باني ميمبر ۽ اڳواڻ ۽ ساڳي سنگت جي عمرڪوٽ ضلعي جو رابطه سيڪريٽري رهي چڪو آهي هن سنڌي ادبي سنگت جي مرڪزي خزانچيءَ طور پڻ ڪم ڪيو هن جي ڇپيل ڪتابن ۾ ”ٻڌايو ڇا ڪجي“ (شاعري)، ”سانجهه جي هنج ۾ (شاعري)“، ”مرڪيو چهرو منڊ جو“ (شاعري) ۽ ”ڪوي عمرڪوٽ جا“ (اڪبر لغاريءَ سان گڏ) شامل آهن.

پير الاهي بخش

اڄ سنڌ جي هن مشهور سياستدان جي ورسيءَ جو ڏينهن آهي پير صاحب جي ولادت 1890ع ڌاري پيرڳوٺ نزد پاڻ سيدآباد ضلعي دادوءَ ۾ پيرنواز علي شاهه جي گهر ۾ ٿي هن ابتدائي تعليم پاڻ سيدآباد مان حاصل ڪئي جڏهن ته مئٽرڪ جو امتحان ناز هاءِ اسڪول خيرپور ميرس مان پاس ڪيو هن جامعه مليه اسلاميه يونيورسٽيءَ مان بي اي جي سند حاصل ڪئي ان بعد علي ڳڙهه يونيورسٽيءَ مان ايم اي (اسلامي تاريخ) ۽ ايل ايل بي جون سندون حاصل ڪيائين تعليم مڪمل ڪرڻ کان پوءِ لاڙڪاڻي ۾ وڪالت شروع ڪيائين هو مولانا محمد علي جوهر جي خلافت تحريڪ کان گهڻو متاثر هو ۽ شاگرديءَ واري زماني ۾ انهيءَ تحريڪ جو حصو رهيو 1937ع ۾ سنڌ ليجسليٽو اسيمبليءَ جو ميمبر چونڊيو هن سنڌ يونائيٽيڊ فرنٽ جو بنياد وجهي سنڌ جي بمبئيءَ کان عليحدگيءَ واري تحريڪ ۾ حصو ورتو اڳتي هلي شهيد الهه بخش سومري جي ڪابينا ۾ صوبائي تعليم جي وزير طور خدمتون سرانجام ڏنائين هن سنڌي ادبي بورڊ، سنڌ يونيورسٽي ۽ ايس ايم ڪاليج ڪراچيءَ جي قيام ۾ بنيادي ڪردار ادا ڪيو پاڻ سنڌ مدرسته الاسلام بورڊ جو صدر پڻ رهيو 1946ع ۾ هو مسلم ليگ جي ٽڪيٽ تي سنڌ اسيمبليءَ جو ميمبر چونڊيو شاهه صاحب 3 مئي 1948ع کان 4 فيبروري 1949ع تائين سنڌ جي وڏي وزير طور ذميداريون سنڀاليون 1953ع ۾ هو هڪ ڀيرو ٻيهر سنڌ اسيمبليءَ جو ميمبر چونڊيو 1954ع ۾ ون يونٽ جي قيام لاءِ سنڌ اسيمبليءَ جو اجلاس ڪوٺايو ويو پير الاهي بخش انهن چند سياستدانن مان هڪ هو جن ون يونٽ جي قيام جي مخالفت ۾ ووٽ ڏنو 1956ع ۾ اولهه پاڪستان اسيمبليءَ جو ميمبر چونڊيو 1958ع ۾ ملڪ ۾ مارشلا لا لاڳو ٿيڻ کان پوءِ هو سياست کان گهڻو ڪري ڪناره ڪش ٿي ويو هن 8 آڪٽوبر 1975ع تي وفات ڪئي.

CLASSIFIED ADVERTISMENT

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب سول / فيملي جج X حيدرآباد
ٽرڊ ڪلاس سوٽ نمبر سال 2026

شاهروز عالم ولد جاويد اقبال راجپوت رهندڙ گهر نمبر C-14 روشن نگر قليلي روڊ حيدرآباد ..پلينٽف..بخلاف..
بهادر خان ولد ڦوٽو خان رهندڙ عالم منگريو پي او ڪاهي تعلقو ڪپرو ضلعو سانگهڙ 03492200055 ..ڊفينڊنٽس

مٿين ڊفينڊنٽس ڏانهن:

جيئن ته مٿين پلينٽف توهان جي خلاف سوٽ فار رڪوري آف آئوٽ اسٽينڊنگ ايريئرز لاءِ درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاه ٿو ڪجي ته 15-10-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا، توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

سول / فيملي جج X حيدرآباد

ڪورٽ نوٽيس

سول / فيملي جج اينڊ جي ايم 9th حيدرآباد
فيملي سوٽ نمبر 2113 سال 2026

صائمه ڌيءُ قمر الدين سومرو حال رهندڙ پلاٽ نمبر 80 پٺاڻ ڳوٺ نزد جانورن جي اسپتال حسين آباد حيدرآباد ..پلينٽف..بخلاف.. پرويز علي مهيسر ولد ذوالفقار علي مهيسر رهندڙ محله مدينه ڪالوني تعلقو ميهڙ ضلعو دادو 03337573021..ڊفينڊنٽس

مٿين ڊفينڊنٽس ڏانهن:

جيئن ته مٿين پلينٽف توهان جي خلاف نڪاح ٽوڙائڻ ۽ مينٽيننس لاءِ درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاه ٿو ڪجي ته 27-10-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا، توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

سول / فيملي جج اينڊ جي ايم 9th حيدرآباد

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب سول / فيملي جج 4th حيدرآباد
فيملي سوٽ نمبر 1511 سال 2026

مسمات حنا ڌيءُ محمد شفيق زال ناصر احمد رهندڙ ڪچي آبادي قاسم آباد حيدرآباد ..پلينٽف..بخلاف.. ناصر احمد ولد محمد اعجاز رهندڙ ٽيو قليلي حيدرآباد سيل نمبر 03151339904..ڊفينڊنٽس

مٿين ڊفينڊنٽس ڏانهن:

جيئن ته مٿين پلينٽف توهان جي خلاف نڪاح ٽوڙائڻ لاءِ درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاه ٿو ڪجي ته 09-10-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا، توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

سول / فيملي جج 4th حيدرآباد

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب سول / فيملي جج IX حيدرآباد
(روبرو جناب مس حميرا اونو)
فيملي سوٽ نمبر 2111 سال 2026

مسمات رافعه دراني ڌيءُ ارشد دراني رهندڙ گهر نمبر A/2 نزد پبلڪ اسڪول آٽو بان روڊ لطيف آباد حيدرآباد حال رهندڙ بنگلو نمبر 54 اڪ سٽي فيز 2 بائي پاس قاسم آباد حيدرآباد ..پلينٽف..بخلاف.. نورالهي پٺاڻ ولد آغا احسان خان رهندڙ ڪرڙي عطاءِ محمد خان شڪارپور ..ڊفينڊنٽس

مٿين ڊفينڊنٽس ڏانهن:

جيئن ته مٿين پلينٽف توهان جي خلاف نڪاح ٽوڙائڻ، رڪوري ڊاور امائونٽ، ڊاوري آرٽيڪلز مينٽيننس ۽ ميڊيڪل جو خرچ 137800 روپيا لاءِ ...

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب ڊسٽرڪٽ جج حيدرآباد
سول اپيل 231 سال 2026

مير اسلم ٽالپر ولد محمد حسن ٽالپر رهندڙ گهر نمبر B-55 آئليس گيس ڪارپوريشن هائوسنگ سوسائٽي قاسم آباد حيدرآباد ..اپيليڪينٽ..بخلاف..
(1) مير اڪرم ٽالپر ولد مير محمد حسن ٽالپر معرفت قانوني وارث (a)مسمات ثمرين ٽالپر زال مير عاطف ٽالپر (b)مير غالب ٽالپر (c) مير ياسر ٽالپر (d)مير تحسين ٽالپر زال عمران خانزاده (e)مير علي رضا ٽالپر (f)مسمات شينا ٽالپر طاهر ملڪاڻي سڀ پٽ ڌيئرون مير اڪرم ٽالپر مسلم بالغ رهندڙ بنگلو نمبر 105/ B فيز 1 قاسم آباد حيدرآباد (2) مير اعظم ٽالپر ولد ميرمحمد حسن ٽالپر معرفت قانوني وارث (a)مير ناظم ٽالپر ولد مير اعظم ٽالپر Missing Since 09-09-2021 (i)مير فراز ٽالپر ولد مير ناظم ٽالپر (ii)ڪشمالا ٽالپر ڌي مير ناظم ٽالپر (3)مير معظم ٽالپر ولد مير محمد حسن ٽالپر (4) مسمات قمر ڌي مير محمد حسن ٽالپر زال مير لطف علي ٽالپر معرفت قانوني وارث (a)مير اسلم ٽالپر ولدمير محمد حسن ٽالپر (b)مير معظم ٽالپر ولد مير محمد حسن ٽالپر(c) مسمات شمع ڌي مير محمد حسن ٽالپر (5) مسمات شمع ڌي مير محمد حسن ٽالپر (6) مسمات خانزادي ڌيءُ مير غلام علي ٽالپر غيرشادي شده معرفت قانوني وارث (a)مير مريد علي ولد مير غلام علي (b) مير محمد حسن ولد مير غلام علي (c) مير امداد علي ولد مير غلام علي (d)مسمات Bhimiڌي مير غلام علي سڀ مسلم بالغ رهندڙ بنگلو نمبر 52 سروي نمبر 203 سول لائن ڪينٽونمينٽ حيدرآباد (7) مير محمد حسن ٽالپر ولد مير مير غلام علي ٽالپر معرفت قانوني وارث (a)مير اسلم ٽالپر ولد ميرمحمد حسن ٽالپر (b)مير اعظم ٽالپر ولد ميرمحمد حسن ٽالپر (c)مير اڪرم ٽالپر ولد ميرمحمد حسن ٽالپر((d)مير معظم ٽالپر ولد ميرمحمد حسن ٽالپر (e)مسمات قمر ڌي ميرمحمد حسن ٽالپر (f)مسمات شمع ڌي مير محمد حسن ٽالپر (g)مسمات ڦاڦو بيواهه مير محمد حسن ٽالپر(8)مير مريد علي ولد مير غلام علي، وفات ڪري ويو آهي، سندس قانوني وارثن معرفت(a)مسمات نور جهان ڌيءُ مير مريد علي، وفات ڪري وئي آهي ...

ڪورٽ نوٽيس

سول/فيملي جج اينڊ جي ايم II ڪوٽ غلام محمد
فيملي سوٽ نمبر سال 2026

شريمتي جيواني ڌيءُ حوملو ..پلينٽف..بخلاف.. لاڌهيو ولد شنڪر هندو بالغ ذات ڪولهي رهندڙ ڳوٺ فاروق جهنجي اولڊ ميرپورخاص تعلقو حسين بخش مري ضلعو ميرپورخاص ..ڊفينڊنٽس

مٿين ڊفينڊنٽس ڏانهن:

جيئن ته مٿين پلينٽف توهان جي خلاف مينٽيننس لاءِ درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاه ٿو ڪجي ته 17-10-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

سول/فيملي جج اينڊ جي ايم II ڪوٽ غلام محمد

ڪورٽ نوٽيس

سول/فيملي جج اينڊ جي ايم II ڪوٽ غلام محمد
فيملي سوٽ نمبر سال 2026

مسمات راحيله زال وسيم ڌيءُ محمد خان ذات لغاري رهندڙ ڳوٺ هري رام تعلقو شجاع آباد ضلعو ميرپورخاص ..پلينٽف..بخلاف.. وسيم ولد رجب ذات لغاري رهندڙ پي او جوهي ضلعودادو ..ڊفينڊنٽس

مٿين ڊفينڊنٽس ڏانهن:

جيئن ته مٿين پلينٽف توهان جي خلاف نڪاح ٽوڙائڻ لاءِ درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاه ٿو ڪجي ته 16-10-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

سول/فيملي جج اينڊ جي ايم II ڪوٽ غلام محمد

عام اطلاع

جيئن ته اسان جي آفيس ۾ نالي قيصرخان ولد عبدالستار درخواست ڏني آهي ته سندس خود جي ڪاتي زمين زرعي بلاڪ نمبر / سروي نمبر 29/2 18/3،19/3،4،28/1،2 ڪل ايراضي 00-24 ايڪڙ ديهه مخدوم پور تعلقو شهيد فاضل راهو ۾ ڪاتي تي آهي جنهن جو رڪارڊ 27-12-2007 تي محترمه بينظير ڀٽو جي شهادت جي واقعي ۾ مذڪوره ديهه جو رڪارڊ ٻڙ سڙي ويو آهي جيڪو بيهر بحال ڪري ...

حيدرآباد ۾ ڪامريڊ حيدر بخش جتوئي جي سالگرهه تي سنڌ ڪانفرنس، وسيلن ۽ وحدت جي تحفظ جو عزم

ڪامريڊ حيدر بخش جتوئي هيٺئين طبقي جو اڳواڻ هو، ڪيڏي نه وڏي ڳالهه آهي جو ان دور جي اڳواڻن ڪيس باباءِ سنڌ جو لقب ڏنو: قادر مگسي

اسان کي سنڌ ورهاڱي خلاف جدوجهد کي ڪامريڊ حيدربخش جتوئي جي ماضي جي جدوجهد سان جوڙي اڳتي وڌڻو پوندو: صفدر عباسي

اسان سنڌ ۽ ان جا وسيلا بچائڻ لاءِ هر قرباني ڏيڻ لاءِ تيار آهيون، سنڌ وطن آهي ان جي حيثيت ماءُ واري آهي: ثمر حيدر جتوئي

سنڌ جي ورهاڱي پٺيان اصل مقصد سنڌ جي وسيلن تي قبضو ڪرڻ آهي(راحيل پٺو) سنڌ هن وقت شديد قومي طبقاتي جبر جو شڪار آهي: نواز خان زئور

حيدرآباد(رپورٽ اعجاز لغاري) سنڌ هاري ڪاميٽي پاران باباءِ سنڌ ڪامريڊ حيدر بخش جتوئي جي 125 هين سالگرهه جي حوالي سان ڪالهه حيدرآباد پريس ڪلب ۾ سنڌ ڪانفرنس ڪوٺائي وئي ان موقعي تي بقايا نمبر 1 ڏسو صفحو 5

حيدرآباد: هاري ڪميٽي جي اجلاس کي ايس ٽي پي سربراهه قادر مگسي خطاب ڪري رهيو آهي

راڌڻ لڳ 32 ورهين جي نوجوان ڦاهو کائي آپگهات ڪري ڇڏيو

راڌڻ (ن ع) راڌڻ جي چيڊ مشين پاڙي ۾ 32 ورهين جي نوجوان حسين بخش جاتوري ولد ڪريم بخش جاتوري مبينا طور ڦاهو کائي خودڪشي ڪري ڇڏي ذريعن موجب فوتي نوجوان مبينا طور آئس نشي جو عادي هو نوجوان جي والد ڪريم بخش جاتوري ٻڌايو ته حسين بخش ڪجهه ڏينهن اڳ منشيات وڪرو ڪرڻ جي بقايا نمبر 2 ڏسو صفحو 5

راڌڻ: فوتي نوجوان جو لاش سندس گهر ۾ پيل آهي

مورو ۾ جسقم پاران رضا محمد مستوئي جا قاتل گرفتار نه ٿيڻ خلاف احتجاج

ڪارڪنن امتياز آزاد ڪوسو، اصغر ڪورائي، مٺل مگسي ۽ ٻين احتجاج ڪيو

رضا محمد جي قتل ۾ ملوث جوابدارن کي قانون جي گرفت ۾ آڻي سخت سزا ڏني وڃي

مورو (ن ع) نوان جتوئي ۾ ڪن معصوم ٻارڙن جي پيءُ جي قتل جو انصاف نه ٿيڻ خلاف جسقم جي پريس ڪانفرنس مورو پرسان نوان جتوئي ۾ ڪجهه ڏينهن اڳ گولين جو نشانو بڻائي بيدردي سان قتل ڪيل ڪن معصوم ٻارڙن جي پيءُ رضا محمد عرف اڇي مستوئي جي قتل ڪيس ۾ انصاف نه ٿيڻ خلاف جسقم ضلعي نوشهروفيروز پاران پريس ڪانفرنس ڪئي بقايا نمبر 6 ڏسو صفحو 5

ڪوٽڏيجي لڳ ٻن ڌرين ۾ جهيڙو 4 ڄڻا زخمي، هڪ ڄڻو ڳنڀير جوکي حالت ۾ حيدرآباد منتقل

ڪوٽڏيجي (ن ع)ڪوٽڏيجي سائيٽ جي بروهي چونڪ واري علائقي ۾ ٻنا ۽ چانڊيا برادري جي ٻن ڌرين ۾ ٻارن جي معمولي ڳالهه تان جهيڙو ٿي پيو جهيڙي ۾ ڏنڊا ۽ سروٽا لڳڻ سبب چانڊيا برادري جا 4 ڄڻا عاشق چانڊيو غلام حسين سجاد ۽ ارشاد چانڊيو زخمي ٿي پيا زخمين کي پوليس ليٽر ڏئي بقايا نمبر 8 ڏسو صفحو 5

ڪوٽڏيجي ڪبير ۾ ڳوٺاڻن جو پوليس کان تحفظ لاءِ احتجاجي مظاهرو

ڳوٺ غفور وٽ واسين طفيل، ابراهيم وڌو ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ احتجاج ڪيو

ڳوٺ واسي عالم ڏرهاڙي ڏسمر جو ماڻهو هئو اسان لاڏائي ڇڏيو آهي ۽ پوليس تنگ ڪري رهي آهي

ڪوٽڏيجي محمد ڪبير (ن ع) ڳوٺ غفور وڌو حد ڦاٽو خانواهڻ واسين پوليس کان تحفظ لاءِ احتجاجي مظاهرو ڪيو. مظاهري جي اڳواڻي محمد طفيل وڌو، محمد ابراهيم وڌو، محمد عالم وڌو ۽ محمد امين وڌو ڪئي ان دوران اڳواڻن ميڊيا آڏو ٻڌايو ته اسان جي ڳوٺ جو رهواسي اعظم وڌو ڏرهاڙي آهي، جيڪو پوليس کي گهربل آهي، اسان اعظم وڌو کي ڳوٺ مان لاڏائي ڇڏيو آهي. بقايا نمبر 7 ڏسو صفحو 5

ننگرپارڪر ۾ ٽن سالن کان بند پرائمري اسڪول خلاف احتجاج، ڌرڻو روڊ بلاڪ

مظاهرين ننگرپارڪر مٺي مين روڊ تي ڌرڻو هڻي روڊ بلاڪ ڪري ڇڏيو، اينڊڙ ويندڙ ٽريفڪ معطل

اسڪول ۾ 80 کان وڌيڪ ٻار داخل آهن، ٽن سالن کان اسڪول بند هجڻ ٻارن جي تعليم متاثر پئي ٿي: مظاهرين

اسڪول کولرائڻ لاءِ ڪراچي وڃي وزير تعليم سان ملاقات ڪئي، يقين ڏيارڻ باوجود مسئلو حل نه ٿيو

ننگرپارڪر (ن ع) ننگرپارڪر جي ڳوٺ گونڊي چيچر پاڙي جي ڳوٺاڻن شاگردن سميت گڏجي ٽن سالن کان سندن ڳوٺ جو پرائمري اسڪول بند هجڻ خلاف پريس ڪلب ننگرپارڪر آڏو احتجاج ڪرڻ بعد ننگرپارڪر مٺي مين روڊ تي ڌرڻو هڻي روڊ بلاڪ ڪري ڇڏيو ڳوٺاڻن محمد بقايا نمبر 9 ڏسو صفحو 5

ٽنڊوآدم: ڳوٺ لاڏيءَ ۾ مبينه ڦاهو کائي آپگهات ڪندڙ نوجوان شاهد علي ٿهيم جو مڙهه پيل آهي

ٽنڊوآدم ويجهو نوجوان بيماري کان تنگ ٿي آپگهات ڪري ڇڏيو

ڳوٺ لاڏيءَ واسي 30 ورهين جي شاهد علي پٽ موسيٰ ٿهيم پاڻ کي ڦاهو ڏنو

اطلاع تي پوليس پهچي لاش ڪڍائي اسپتال مان پوسٽ مارٽم بعد وارثن حوالي ڪيو

ٽنڊوآدم (ن ع) ٽنڊوآدم تعلقه ٿاڻي جي حد ڳوٺ لاڏيءَ ۾ 30 سالن جي شاهد علي پٽ محمد موسيٰ ٿهيم مبينه طور گهر اندر ڦاهو کائي آپگهات ڪري ڇڏيو اطلاع ملڻ تي پوليس پهچي لاش تحويل ۾ وٺي اسپتال پهچايو جتي ضروري ڪارروائي بعد لاش وارثن حوالي ڪيو ويو لاش گهر پهچڻ تي ڪهرام مچي ويو پوليس موجب وارثن جو چوڻ آهي ته فوتي بقايا نمبر 10 ڏسو صفحو 5

ننگرپارڪر: ٽن سالن کان بند پيل پرائمري اسڪول خلاف احتجاج ڪيو پيو وڃي

خيرپور پوليس پاران 11 جوابدارن کي گرفتار ڪري موٽرسائيڪلون ۽ منشيات هٿ ڪرڻ جي دعويٰ

خيرپور(ڊ ر)خيرپور پوليس جو منشيات فروشن خلاف ڪريڪ ڊائون جاري، وڌيڪ 11 جوابدار گرفتار ايس ايس پي خيرپور ڪيپٽن (ر) امير سعود مگسي جي هدايتن تي خيرپور پوليس پاران منشيات فروشن ۽ ڏوهارين خلاف ڪريڪ ڊائون جاري آهي مختلف ٿاڻن جي حدن ۾ ڪارروايون دوران وڌيڪ 11 جوابدارن کي گرفتار ڪري، بقايا نمبر 11 ڏسو صفحو 5

ٽنڊوآدم: جهيڙي دوران ڏنڊو لڳڻ سبب فوت ٿيل الهورايو سومرو جو لاش اسپتال ۾ پيل آهي

ٽنڊوآدم ۾ آئيس جي موالين ۾ مبينه جهيڙو ڏنڊو لڳڻ سبب هڪ ڄڻو فوت

جيمر خانه لڳ جهيڙي دوران 35 ورهين جو الهورايو سومرو ڏٿڙي تي دم ڏنو

اطلاع تي پوليس پهچي جوابدار کي گرفتار ڪري لاش پوسٽ مارٽم بعد وارثن حوالي ڪيو

ٽنڊوآدم (ن ع) ٽنڊوآدم جي جيمر خانه لڳ مبينه طور آئيس جي موالين جو پاڻ ۾ جهيڙو ٿي پيو جنهن دوران ڏنڊو لڳڻ ڪري 35 سالن جو الهورايو سومرو ڏٿڙي تي فوت ٿي ويو ۽ جوابدار فرار ٿي ويو اطلاع ملڻ تي پوليس واقعي واري هنڌ پهچي لاش ڪڍائي تعلقه اسپتال آندو جتان پوسٽ مارٽم ڪرائڻ بعد وارثن حوالي ڪيو ويو پوليس جوابدار علي جان سمون کي گرفتار ڪري بقايا نمبر 15 ڏسو صفحو 5

گولاڙچي: تيز رفتار اي سي ڪوچ جي ٽڪر ۾ واڪ ڪندڙ شخص فوت

گولاڙچي-ڪراچي مين روڊ تي تيز رفتار ڪوچ شوڪت آرائين کي ٽڪر هنيو

اطلاع تي پوليس پهچي لاش ڪڍائي اسپتال منتقل ڪيو، ڪوچ ڊرائيور موقعي تان فرار

گولاڙچي (ت ر) گولاڙچي—ڪراچي مين روڊ تي تيز رفتار اي سي ڪوچ واڪ ڪندڙ شخص شوڪت آرائين کي ٽڪر هڻي بقايا نمبر 16 ڏسو صفحو 5

اسلام آباد: پير وڌائي اڏي تي ڏهاڙي مزدور روزگار جي انتظار ۾ ويٺل آهن

پيروسڻ ۾ نوجوان جي قتل ۽ ٻن ڄڻن جي زخمي واقعي جي جوابدارن ٻنا ڏير گرفتار ڪيو وڃي: مولانا ادريس ڦلپوٽو

گمبٽ (ت ر) پيروسڻ ٿاڻي جي حد حبيب جي واند پرسان ڳوٺ حاجي محمد سليمان انڙ ۾ نوجوان جي قتل ۽ ٻن ڄڻن جي زخمي ٿيڻ واري افسوسناڪ واقعي تي جمعيت علماءِ اسلام (جي يو آءِ) ضلعي خيرپور ميرس جي اڳواڻ ۽ امير مولانا بقايا نمبر 17 ڏسو صفحو 5

وفاقي حڪومت صرف پنجاب جي نمائندگي ڪرڻ تائين محدود ٿيل آهي: سسئي پليجو

وفاقي ڪابينا ۾ ويٺل اڪثريت صرف هڪ صوبي جي آهي تنهنڪري انهن جي سوچ به سنڌ مخالف آهي

مريم نواز ملڪ جي ٽن صوبن بابت جيڪا ٻولي ڳالهائي آهي ان جي سختيءَ سان مذمت ڪيان ٿي

مريم نواز ۽ پنجاب کي ته سنڌ سميت ٽنهي ٻين صوبن جو شڪرگذار ٿيڻ گهرجي جو 70 فيصد ملڪ جي معدنيات سنڌ پوري ڪري ٿي

ٺٽو (ڊ ر) پيپلزپارٽي جي اڳواڻ اڳوڻي سينيٽر سسئي پليجو چيو آهي ته سنڌ بابت تعصبي رويو رکندڙ ڌرين سميت پنجاب کي به هاڻي سوچڻو پوندو ته پاڪستان صرف اسلام آباد جي ڊي چوڪ بقايا نمبر 20 ڏسو صفحو 5

ٽنڊوالهيار گرلز ڊگري ڪاليج ۾ سهولتن جي کوٽ، سيڪريٽري ڪاليجز جو دورو

ميڊيا رپورٽن بعد سيڪريٽري ڪاليجز نديم الرحمان ميمڻ ٽنڊوالهيار پهتو، ڪاليج جو معائنو

استادن ۽ پٽيوالن جي کوٽ سميت پاڻي ۽ ٻين بنيادي سهولتن بابت سيڪريٽري کي انتظاميه پاران آگاهي

نديم الرحمان ميمڻ پاران جلد پاڻي ۽ سمورين سهولتن فراهم ڪرڻ جي خاطري

ٽنڊوالهيار (ڊ ر) تعليم کاتي جو سيڪريٽري ڪاليجز نديم الرحمان ميمڻ ٽنڊوالهيار پهتو . سيڪريٽري ڊپٽي ڪمشنر نور مصطفي لغاري سان گڏ گرلز ڊگري ڪاليج جو دورو ڪيو. جلد سهولتون مهيا ڪرڻ جي خاطري خبر موجب ٽنڊوالهيار شهر ۾ گرلز ڊگري ڪاليج ۾ سهولتن جي کوٽ وارين خبرون ميڊيا تي هلڻ بعد تعليم کاتي جو سيڪريٽري بقايا نمبر 21 ڏسو صفحو 5

ڪوٽڏيجي لڳ ٽرڪ ڊرائيورن کان ڦرلٽ، ڳاڏيون بيهاري ڌرڻو مين روڊ بلاڪ، پوليس سان ڇڪرون

چاول گودام پرسان هٿياربندن ٽرڪ ڊرائيورن کان هزارين روپيا روڪ ۽ موبائل فون ڦر ڪري فرار ٿي ويا

واقعي خلاف ڊرائيورن نيشنل هاءِ وي تي ٽرڪون بيهاري روڊ بلاڪ ڪري ڌرڻو هنيو، آمدرفت معطل

پوليس پاران احتجاج ختم ڪرائڻ جي ڪوشش دوران ڇڪتاڻ پيدا ٿي وئي، ڳالهين بعد روڊ کوليو ويو

ڪوٽڏيجي (رپورٽ حسين شورو) ڪوٽڏيجي سائيٽ ويجهو نيشنل هاءِ وي تي چاول گودام پرسان نامعلوم هٿياربندن پاران ٽرڪ ڊرائيورن کان هٿيارن جي زور تي هزارين روپيا روڪ ۽ موبائل فون ڦر ڪري فرار ٿي ويا جنهن بعد ٽرڪ ڊرائيورن ٽرڪون روڊ تي بقايا نمبر 22 ڏسو صفحو 5

حيدرآباد: هڪ نينگر فٽ پاٿ تي ڪبوترن کي داڻو ڏئي رهيو آهي

حيدرآباد: شهيد هوش محمد شيدي جي مجسمي تي امن جا پکي ڪبوتر اڏامي رهيا آهن

گولاڙچي پرسان گوني شاخ ۾ لاباري لاءِ آيل نينگر ٻڏي فوت

ڏيٻلي کان لاباري لاءِ آيل ڀيل برادري جو نينگر جيتمال ولد ڦوٽو ڀيل شاخ ۾ ٻڏي ويو

ڳوٺاڻن پاران پنهنجي مدد پاڻ تحت سرچ آپريشن، اي سي گولاڙچي واقعي واري هنڌ پهتو

گولاڙچي(ت ر) ڏيٻلي کان لاباري لاءِ آيل ڀيل برادري جو نينگر گوني شاخ ۾ ٻڏي ويو انتظاميه حرڪت ۾ اچي وئي گولاڙچي پرسان هيڊ گراهڙي وٽ گوني شاخ ۾ افسوسناڪ واقعو پيش آيو آهي جتي ڏيٻلي کان لاباري لاءِ آيل ڀيل برادري جو نينگر جيتمال ولد ڦوٽو ڀيل شاخ ۾ ٻڏي ويو اطلاع موجب نينگر گوني شاخ ۾ ٻڏي وڃڻ ڪانپوءِ علائقي جي ڳوٺاڻن فوري طور بقايا نمبر 3 ڏسو صفحو 5

گولاڙچي پرسان اوطاق تي مهمان ٿي آيل دولتپور واسي اوچتو فوت

ڳوٺ غلام نبي جتوئي ۾ علي حسن ڌاهري ٻن ڏينهن کان مائٽن وٽ مهمان هو

رات ماني کائڻ بعد سمهي پيو، صبح جو اوطاق تي فوت ٿيل حالت ۾ مليو

گولاڙچي(ت ر) گولاڙچي پرسان ڳوٺ غلام نبي جتوئي ۾ مهمان ٿي آيل دولتپور واسي علي حسن ڌاهري اوچتو فوت ٿي ويو اوطاق جي مالڪ موجب علي حسن ڌاهري سان سندن ڏکي عرصي کان مائٽاڻا واسطا هئا ۽ هو گذريل ٻن ڏينهن کان اوطاق تي ترسيل هو گذريل رات ماني کائڻ ڪانپوءِ علي حسن ڌاهري اوطاق ۾ سمهي پيو جڏهن ته صبح جو سندس فوت ٿيڻ جو بقايا نمبر 4 ڏسو صفحو 5

ڊپٽي ڪمشنر بدين جو ضلعي اطلاعات آفيس جو دورو

اطلاعات آفيسر سرفراز سمون پاران سرڪاري سرگرمين بابت ڊي سي کي بريفنگ

ڊپٽي ڪمشنر زارا زاهد پاران آفيس جي مختلف شعبن جو پڻ دورو ڪري جائزو ورتو

بدين (ڊ ر) ڊپٽي ڪمشنر بدين زارا زاهد ضلعي اطلاعات آفيس بدين جو تفصيلي دورو ڪري آفيس جي انتظامي معاملن مجموعي ڪارڪردگي ميڊيا مينيجمينٽ سرڪاري سرگرمين جي تشهير بابت تفصيلي جائزو ورتو ان موقعي تي ڊسٽرڪٽ انفارميشن آفيسر سرفراز سمون ڊپٽي ڪمشنر بدين کي اطلاعات کاتي بابت تفصيلي بريفنگ ڏيندي ٻڌايو ته بقايا نمبر 5 ڏسو صفحو 5

بدين: ڊپٽي ڪمشنر زارا زاهد اطلاعات آفيس جو دورو ڪري رهي آهي

جاتي فيڊر جون بجلي جون تارون چوري، سوين ڳوٺن ۾ بجلي بند

نامعلوم چور چار بجلي جا ٿنڀا ڪيرائي لڳ ڀڳ ڏهن ٿنڀن جون تارون چوري ڪري فرار

بجلي بند هجڻ سبب سارين جا ڪارخانا بند، مزدور بيروزگار، پاڻي کوٽ شدت اختيار ڪري وئي

جاتي (ن ع) جاتي سجاول روڊ تي ٻه ڏينهن اڳ جاتي فيڊر جي مين لائن جا چار بجلي ٿنڀا نامعلوم چورن ڪيرائي لڳ ڀڳ ڏهن ٿنڀن جون تارون چوري ڪري فرار ٿي ويا هئا، جنهن بابت نامعلوم جوابدارن خلاف سجاول ٿاڻي تي ايف آءِ آر داخل ڪئي وئي آهي ٻئي طرف جاتي شهر سميت سوين ڳوٺن ۾ بجلي جي فراهمي معطل هجڻ سبب عوام کي سخت مشڪلاتن کي بقايا نمبر 12 ڏسو صفحو 5

هالا ۾ زال ۽ مڙس جو شادي شده ڌيءَ جي مبينا اغوا خلاف احتجاج

مسافر خاني مان نامعلوم مرد ۽ عورت ڌيءَ امپران کي ورغلائي ڪڍي ويا: والدين

درگاهه جي سي سي ٽي وي ڪيمرائن ۾ مبينا اغواڪارن جا فوٽيج موجود آهن مدد ڪئي وڃي

هالا (ت ر) هالا ۾ نوشهرو فيروز جي رهواسي زال مڙس پاران شادي شده ڌيءَ جي مبينا اغوا خلاف مدد جي اپيل ڪئي وئي آهي . نوشهروفيروز جي رهواسي غلام رسول چانڊيو ۽ سندس گهرواري زينب چانڊيو هالا پريس ڪلب ۾ سندن شادي شده ڌيءَ مسمات امپران جي گمشدگي بابت صحافين آڏو ٻڌائيندي چيو آهي ته پٽ شاهه ميلي کان پنج ڏينهن اڳ سندن بقايا نمبر 13 ڏسو صفحو 5

ڪوٽڙي ۾ زرعي توسيع کاتي ڊيوولوشن تي ٻئي کاتي جي آفيسر جي مقرري خلاف مظاهرو

آفيسرن ۽ ملازمن پاران ڊائريڪٽر جنرل جي عهدي تي ڊيوولوشن تي مقرري خلاف احتجاج ڪيو ويو

کاتي جي سينيئر آفيسرن کي نظرانداز ڪرڻ سپريم ڪورٽ جي فيصلي جي ڀڃڪڙي آهي: اڳواڻ

ڪوٽڙي (ن ع) زرعي توسيع کاتي ڄامشورو ۾ آفيسرن ۽ ملازمن پاران ڊائريڪٽر جنرل جي عهدي تي ڊيوولوشن تي ٻئي کاتي جي آفيسر جي مقرري خلاف احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو مظاهرين جي اڳواڻي ايڊيشنل ڊائريڪٽر زراعت ڄامشورو ڊپٽي ڊائريڪٽر منظور برڙو، عامر اقبال امتياز ڦيبو ۽ حاڪم سيال ڪري رهيا هئا. مظاهرين احتجاج ڪندي سخت نعريبازي بقايا نمبر 14 ڏسو صفحو 5

لاڙڪاڻو: هڪ ڪاريگر ڪانگي جي فريم کي رنگ ڪري رهيو آهي

ٽنڊوالهيار ۾ به فلسطيني عوام سان يڪجهتي لاءِ انساني هٿن جي زنجير ٺاهي مظاهرو

جماعت اسلامي جي سڏ تي ڪارڪنن ۽ شهرين جي وڏي شرڪت، فلسطين جي حمايت نعريبازي

فلسطيني قوم جي ثابت قدمي اڄ پوري دنيا لاءِ مثال بڻيل آهي: سهيل احمد شارق

ٽنڊوالهيار (ڊ ر) امير جماعت اسلامي پاڪستان حافظ نعيم الرحمان جي سڏ تي 7 آڪٽوبر عالمي يوم مزاحمت جي موقعي تي سڄي ملڪ وانگر ٽنڊوالهيار ۾ به فلسطيني عوام سان يڪجهتي لاءِ انساني هٿن جي زنجير ٺاهي احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو مظاهرين فلسطين جي حمايت ۾ بقايا نمبر 18 ڏسو صفحو 5

دادو ۾ بلاول آرڪيڊ جي 8 دڪانن جي نيلامي ڪئي وئي

نظام شيخ پنهور پاران 18 هزار 700 رپيا في اسڪوائر فوٽ جي سڀ کان وڏي بولي لڳائي

حاصل ٿيندڙ آمدني شهر جي بنيادي سهولتن ۽ ترقياتي ڪمن تي خرچ ڪرڻ جو مطالبو

دادو(ڊ ر) دادو ۾ بلاول آرڪيڊ جي 8 دڪانن جي نيلامي نظام شيخ جي سڀ کان وڏي بولي، ضلعي ڪائونسل هال دادو ۾ بلاول آرڪيڊ جي 8 دڪانن جي نيلامي ٿي گذري، جنهن دوران مختلف واپارين ۽ بقايا نمبر 19 ڏسو صفحو 5

حيدرآباد: قاسم چوڪ روڊ تي ترسرين ۾ مختلف پکين جا مجسما رکيل آهن

ڪراچي ۾ مبينا ڪاپي رائيٽ جي ڀڃڪڙي خلاف ڪارروائي، ٻه دڪاندارن گرفتار

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ايف آءِ اي ڪراچي زون جي ڊائريڪٽر جي هدايتن تي ايف آءِ اي ڪارپوريٽ ڪرائيم سرڪل ڪراچي، M/s Treet Hygiene Razor پاران داخل بقايا نمبر 23 ڏسو صفحو 5

ڪيرو ويجهو قتل شهزاد مري جي قاتلن جي گرفتاري لاءِ وارثن پاران احتجاجي ريلي

مظاهرين ڪيرو واهه کان امجد مري، عنايت مري ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ ريلي ڪڍي احتجاج ڪيو

ٽي هفتا گذرڻ باوجود پوليس جوابدارن کي گرفتار ڪرڻ ۾ ناڪام آهي انصاف ڪيو وڃي: مظاهرين

ڪيرو (ن ع) ڪيرو ويجهو ڪاهي ٿاڻي جي حد ۾ هميرو فقير موڙ وٽ ڪي هفتا اڳ بيدردي سان قتل ٿيل نوجوان شهزاد مري جي قاتلن جي گرفتاري لاءِ وارثن ۽ برادري جي ماڻهن پاران ڪيرو واهه کان شهيد چوڪ بقايا نمبر 24 ڏسو صفحو 5

بلڙي شاهه ڪريم ڊگري ڪاليج ۾ جشن عيد ميلاد النبي ﷺ جي پروقار تقريب

ڊاڪٽر اقبال ميمڻ، عبدالرشيد سومرو، عبدالرزاق سومرو سميت استادن، شاگردن جي شرڪت

شاگردن ۽ شاگردياڻين وچ ۾ تقريرن ۽ نعتن جا مقابلا، بهترين ڪارڪردگي تي انعام، شيلڊون ڏنيون ويون

بلڙي شاهه ڪريم (ت ر) گورنمينٽ ڊگري ڪاليج بلڙي شاهه ڪريم ۾ جشن عيد ميلاد النبي ﷺ جي پروقار تقريب ٿي بقايا نمبر 25 ڏسو صفحو 5

اکري چوڏڳي صحت مرڪز ۾ ويل لاءِ آيل عورت فوت، وارثن پاران غفلت جو الزام، احتجاج

ڳوٺ محمد نواز شر جي رهواسي پورهيت علي نواز شر جي گهرواري ياسينا کي ويم لاءِ صحت مرڪز آندو

عورت دوران فوت ٿي وئي، وارثن پاران هيلٿ ورڪر جي لاپرواهي ۽ بروقت طبي امداد نه ملڻ جا الزام

وزير صحت، ڊپٽي ڪمشنر ۽ پي پي ايڇ آءِ انتظاميا نوٽيس وٺي شفاف انڪوائري ڪرائي انصاف ڪري: مظاهرين

گمبٽ (رپورٽ: مريد حسين ڪاتوري) اکري چوڏڳي ۾ پي پي ايڇ آءِ جي انتظام هيٺ هلندڙ بنيادي صحت مرڪز بي ايڇ يو اسپتال اکري ۾ مبينا غفلت سبب هڪ افسوسناڪ واقعو پيش آيو آهي ڳوٺ بقايا نمبر 26 ڏسو صفحو 5

گمبٽ: فوت ٿيل عورت جو لاش سندس گهر ۾ پيل آهي

ڪيرو ۾ نوجوان پاڻ کي ڦاهو ڏئي آپگهات ڪري ڇڏيو

اشرف ڪالوني واسي پڪن ولد سرتو ڀيل انتهائي قدم کنيو

اطلاع تي پوليس پهچي لاش ڪڍائي ضروري ڪارروائي بعد وارثن حوالي ڪري جاچ شروع ڪئي

ڪيرو (ن ع): ڪيرو جي اشرف ڪالوني ۾ نوجوان جو انب جي وڻ ۾ ڦاهو لڳل لاش هٿ آيو پوليس موجب نوجوان جي سڃاڻپ پڪن ولد سرتو ڀيل طور ٿي آهي اطلاع ملڻ تي ڪيرو پوليس واقعي هنڌ پهچي وئي ۽ فوتي جو مڙهه ضروري ڪارروائي لاءِ تعلقي اسپتال ڪيرو منتقل ڪيو ويو پوليس جو چوڻ آهي ته واقعي بابت جاچ ڪئي پئي وڃي جڏهن ته وڌيڪ بقايا نمبر 27 ڏسو صفحو 5

ٽنڊو محمد خان: فلسطينين جي حق ۾ ريلي ڪڍي پئي وڃي

بدين عدالت قتل ڪيس ۾ هڪ جوابدار کي موت ۽ ٻن کي عمر قيد جي سزا ٻڌائي ڇڏي

بدين (ڊ ر) بدين فرسٽ ايڊيشنل سيشن جج بدين رائو نديم جي عدالت قتل جو ڏوهه ثابت ٿيڻ تي جوابدار عيسا ملاح کي موت جي سزا سميت ٽي سال قيد ڏهه لک روپيه ڏنڊ جي سزا جو حڪم بدين عدالت سڳوري ڪيس ۾ نامزد وڌيڪ ٻن جوابدارن محمد بخش ۽ عبدالڪريم کي عمر قيد 5-5لک روپيه ڏنڊ جي سزا جو حڪم ڏنو بقايا نمبر 28 ڏسو صفحو 5

قبو سعيد خان لڳ چار مهينا اڳ پسند جو پرڻو ڪندڙ شڪارپور واسي جوڙو بيدردي سان قتل

پير گلاب شاهه واري علائقي ۾ هٿياربندن نوجوان نديم ڪوسو ۽ ناري نغمه ڪوسو کي گولين هڻي قتل ڪيو

فائرنگ ڪانپوءِ جوابدار فرار، اطلاع تي پوليس پهچي ٻنهي جا لاش ڪڍائي رورل هيلٿ سينٽر منتقل ڪيا

ڇوڪري جي پيءُ عنايت الله ڪوسو ۽ ٻين منهنجي پٽ ۽ سندس زال کي قتل ڪيو آهي: نوجوان جو والد

قبو سعيد خان (رپورٽ: فراز نظير ڪوسو) قبو سعيد خان ٿاڻي جي حد پير گلاب شاهه ۾ چار مهينا اڳ گهران نڪري لاڙڪاڻي جي عدالت ۾ پسند جي شادي ڪندڙ نوجوان شڪارپور واسي 28 ورهين جو بقايا نمبر 29 ڏسو صفحو 5

ٽنڊوجام ۾ اغوا ڪيس خلاف عورتن جو احتجاج

ٽنڊوالهيار ۾ خاندان جي 11 ڄڻن خلاف اغوا ڪيس داخل ٿيڻ خلاف مظاهرو ڪيو

ڊسٽرڪٽ اينڊ سيشن جج ۽ ايس ايس پي ٽنڊوالهيار جانچ ڪري ڪيس ختم ڪرائي

ٽنڊوجام (ت ر) ڳوٺ ڪريمداد جي رهواسڻ فاطمه خاصخيلي ۽ ثمينه خاصخيلي اغوا جي مبينا ڪوڙي ڪيس خلاف ٽنڊوجام پريس ڪلب آڏو احتجاج ڪندي ٻڌايو ته ڪي مهينا اڳ سندن ڀيڻ فضيلا خاصخيلي ۽ پاڻيجو عاطف خاصخيلي کي رسول بخش خاصخيلي ۽ امداد خاصخيلي مبينا طور اغوا ڪري ويا هئا. هنن چيو ته هڪ هفتو اڳ عاطف مبينا طور پڄي اچي وڃڻ بقايا نمبر 30 ڏسو صفحو 5

سارين جو مناسب اگهه مقرر نه ٿيڻ خلاف آبادگار سراپا احتجاج

آبادگارن پاران سارين جو اگهه 3 هزار کان 3200 رپيا في مڻ مقرر ڪرڻ جو مطالبو

ڪارخانن جا مالڪ آبادگارن کان مزدورن جي ٿالهي تي 25 رپيا في مڻ الڳ وٺي رهيا آهن: آبادگار

بدين (ڊ ر) بدين جي اڳوڻي ڊپٽي ڪمشنر ۽ سارين جي ڪارخانن جي مالڪن ۽ آبادگارن وچ ۾ ٿيل گڏجاڻي دوران سارين جا اگهه مقرر ڪرڻ لاءِ جوڙيل ڪميٽي باوجود ضلعي انتظاميا طرفان فيصلي تي عمل نه ڪرڻ خلاف قومي عوامي تحريڪ سنڌي هاري تحريڪ ۽ آبادگار اڳواڻن سخت احتجاج ڪندي عملدرآمد جو مطالبو ڪيو آهي انڊس ۾ سنڌي هاري تحريڪ بقايا نمبر 31 ڏسو صفحو 5

ڪراچي: جرمني جي قونصل جنرل پاڪستان اءِ بينڪ سوسائيٽي اسپتال ۾ ليزر مشين جو افتتاح ڪري رهيا آهن

ٽنڊوآدم پوليس پاران مقابلي ۾ جوابدار کي زخمي حالت ۾ گرفتار ڪرڻ جي دعويٰ

ٽنڊوآدم (ن ع) ٽنڊوآدم سٽي ٿاڻي جي لنجواڻي موڙ وٽ گشت دوران سٽي پوليس ۽ هٿياربندن وچ ۾ مبينه فائرنگ جي ڏي وٺ جي نتيجي ۾ پوليس هڪ جوابدار کي زخمي حالت ۾ گرفتار ڪري ورتو جڏهن ته سندس 2 ساٿي اونداهي جو فائدو وٺي فرار ٿي ويو پوليس موجب ٽن هٿياربندن پوليس موبائيل کي ڏسندي ئي فائرنگ بقايا نمبر 32 ڏسو صفحو 5

خيرپور ۾ عورت جو مڙس ۽ ساهرن جي زيادتين خلاف احتجاج، انصاف ۽ تحفظ جو مطالبو

خيرپور(ڊ ر)خيرپورشاهه حسين ٿاڻي جي حد ڳوٺ آٿيري جي رهواسڻ مسمات ثناء محمد ڦليوٽو پنهنجي مڙس ۽ سندس خاندان جي زيادتين خلاف پريس ڪلب خيرپور اڳيان احتجاجي ڪندي چيو آهي ته ڪجهه سال اڳ سندس شادي گهروارن جي بقايا نمبر 33 ڏسو صفحو 5

لکي غلام شاهه ۾ فلسطينين سان يڪجهتي لاءِ جماعت اسلامي خواتين پاران ريلي ڪڍي وئي

لکي غلام شاهه (ن ع) لکي غلام شاهه ۾ جماعت اسلامي حلقه خواتين پاران غزه جي مظلوم عوام سان يڪجهتي ۽ حمايت جي اظهار لاءِ "طوفان اقصيٰ" ريلي ڪڍي وئي، جيڪا شڪارپور پريس ڪلب آڏو پهچي احتجاجي مظاهري ۾ تبديل ٿي بقايا نمبر 34 ڏسو صفحو 5

ڪراچي: هڪ پيرسن ٽوال وڪرو ڪري رهيو آهي

پريس ڪلب ميهڙ مان نامعلوم چور دروازو ٽوڙي بيٽري، چارجر ۽ بتي کڻي فرار

پوليس پهچي واقعي واري هنڌ جو معائنو ڪيو صحافين پاران سامان واپس ڪرائڻ جو مطالبو

سامان واپس نه ٿيڻ ۽ جوابدار گرفتار نه ٿيڻ جي صورت ۾ احتجاج جو دائرو وڌائڻ جو اعلان

ميهڙ (ن ع) سنڌ پريس ڪلب ميهڙ جي چيئرمين آير ڊي منير لاشاري، جنرل سيڪريٽري نصرالله سولنگي، علي حسن چانڊيو ابراهيم چانڊيو واجد مهيسر سيد سرور شاهه صاحب خان هالو محرم ٻپر ظهور بروهي ۽ ٻين صحافين ٻڌايو ته هو روزاني بنياد تي رات جو تقريبن 11 وڳي تائين پريس ڪلب ۾ ويهندا آهن گذريل رات به صحافي پريس ڪلب ۾ موجود هئا، بقايا نمبر 35 ڏسو صفحو 5

سنڌ کي ٽڪرا ڪرڻ زمينن ۽ وسيلن تي قبضن خلاف هاري ڪانفرنس جون تياريون مڪمل

بدين ۾ حڪيم هاليپوٽو جي ورسي جلسي ۾ آبادگار، هاري ۽ سول سوسائٽي نمائندا شرڪت ڪندا

پاڻي جي بحران، 28هين ترميم ۽ سنڌ دشمن منصوبن خلاف جدوجهد جاري رکڻ جو اعلان

بدين (ڊ ر) عوامي تحريڪ سنڌياڻي تحريڪ ۽ سنڌي هاري تحريڪ ضلعي بدين جو گڏيل اجلاس جلسي جي تيارين جو جائزو ورتو ويو اجلاس کي خطاب ڪندي عوامي تحريڪ جي مرڪزي آرگنائيزر لال جروار سنڌي هاري تحريڪ جي مرڪزي آرگنائيزر انور رند، سنڌي گرلس اسٽوڊنٽ تحريڪ جي مرڪزي اڳواڻ ڪائنات هاليپوٽو سنڌياڻي تحريڪ جي بقايا نمبر 36 ڏسو صفحو 5

مورو ۾ شاهپور جهانيان واسي واپاري جو پوليس جي زيادتين خلاف احتجاج، انصاف ۽ تحفظ جو مطالبو

مورو (ن ع) شاهپور جهانيان شهر جي ڪاروباري شخصيت وزير ڏاهري پريس ڪانفرنس ڪندي چيو ته دولتپور پوليس بناجواز اسان جي گهرن مٿان چڙهائي ڪري چادر ۽ چوديواري جو تقدس پائمال ڪري ڦرلٽ ڪري موٽر سائيڪل ۽ ٻيو سامان کڻي وئي آهي موتمار ڌمڪيون ڏنيون پيون وڃن ڪوڙا ڪيس داخل ڪري اولاد بقايا نمبر 37 ڏسو صفحو 5

ملڪ ۾ انتشار ۽ ويڙهه سان نقصان ٿيندو، مسئلن جو حل ڳالهين ذريعي ڪيو وڃي: مير غلام علي ٽالپر

ٻنهي ڌرين کي ويهي ڳالهين ذريعي مسئلو حل ڪرڻ گهرجي، معاملا هڪ ڏينهن ۾ حل نه ٿيندا

ملڪ کي ڊيوالپڻي کان بچائي بهتري طرف آندو ويو آهي، ڪنهن به ڌر کي انتشار پکيڙڻ نه ڏنو وڃي

ڪٽڪ جي بحران، پاڻي جي کوٽ ۽ مين روڊن جي مرمت جا مسئلا جلد حل ڪرڻ لاءِ ڪوششون جاري آهن

گلاب لغاري (ن ع) ملڪ ۾ هلندڙ تحريڪ انتشار ۽ ويڙهه پيدا پئي ڪري جڏهن ته انتشار ۽ ويڙهه سان ملڪ جو نقصان ٿيندو اهڙو اظهار پ پ ايم اين اي مير غلام علي ٽالپر گلاب لغاري پرسان ڳوٺ ماڪٽ بقايا نمبر 38 ڏسو صفحو 5

پشاور: مقامي مارڪيٽ ۾ دڪاندار غليلون وڪرو ڪري رهيا آهن جن جو اڄ ڪلهه وڪرو وڌي ويو آهي

هي اخبار پرنٽر ناصر جمال سومرو پاپولر پرنٽرز مان ڇپرائي، عبرت گروپ آف پبليڪيشنز جي تحت عبرت بلڊنگ گاڏي کاتو حيدرآباد مان ڇپرائي جاري ڪئي.